# ڌيءَ جي پرورش

والدين جي لاءِ نياڻين جي تربيت جي باري ۾ هڪ نصيحت ڀري تحرير



- اسلام کان پهريان عورت جي حيثيت 5
- نياڻي جي پرورش لاءِ مدني گل 13
- زندگي جا آداب 31
- ننڍپڻ جي عادت گهٽ ئي ٽڪرندي آهي 35

پيشڪش: مَرڪزي مَجلِس شوريٰ

(دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ڏيءَ جي پرورش *

## درود شريف جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ تَقَرُّب نشان آهي: جنهن مون تي 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏي ٿو ته هي نفاق ۽ جهنّم جي باهه کان آزاد آهي ۽ انهيءَ کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (مجمع الزوائد ج 10 ص 253 حديث 17298)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انوکي شهزادي

حضرت سيّدنا شيخ شاهه ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوۡرَانِي جي شهزاديءَ جڏهن شادي لائق ٿي ته بادشاهه وٽان رشتو آيو پر اوهان ٽن ڏينهن جي مهلت گهري ۽ مختلف مسجدن ۾ گهمي ڪنهن پرهيزگار جي ڳولا ڪرڻ لڳا. هڪ نوجوان تي سندن نظر پئي جنهن سهڻي نموني نماز ادا ڪئي (۽ ٻاڏائيندي دعا گهري) شيخ ان کان پڇيو: ڇا اوهان جي شادي ٿيل آهي؟ ان نفي ۾ جواب ڏنو. پوءِ پڇيائون: ڇا نڪاح ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ڇوڪريءَ قرآن شريف پڙهندي آهي، نماز روزي

* مبلغِ دعوتِ اسلامي، نگران مرڪزي مجلس شوريٰ حضرت مولانا ابو حامد حاجي محمد عمران عطاري مَدَّظِلُّهُ العَالِی هي بيان 14 شوال المڪرّم 1431هـ بمطابق 23 سيپٽمبر 2010ع تي تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالَمي مدني مرڪز فيضان مدينه باب المدينه (ڪراچي) ۾ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو.
(مجلس مڪتبة المدينه)

جي پابند آهي ۽ سيرت و صورت واري بہ آهي. ان چيو: مون سان ڪير رشتو ڪندو! شيخ فرمايو: مان ڪندس، هي ڪجھ درهم وٺ! هڪ درهم جي ماني، هڪ درهم جو ٻوڙ ۽ هڪ درهم جي خوشبوءِ وٺي اچ. اهڙي طرح شاهہ ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِی پنهنجي نيڪ سيرت نياڻي جو نڪاح ان سان پڙهائي ڇڏيو. ڪنوار جڏهن گهوٽ جي گهر آئي تہ ان ڏٺو دِلي جي مٿان هڪ ماني رکيل آهي. ان پڇيو هي ماني هتي ڇو رکيل آهي؟ گهوٽ چيو: هي ڪالهوڪي پاروٿي ماني آهي مون اِفطار لاءِ رکي هئي، اهو ٻڌي اها واپس وڃڻ لڳي. گهوٽ اهو ڏسي چوڻ لڳو: مون کي خبر هئي تہ شيخ شاهہ ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِی جي شهزاديءَ مون غريب جي گهر نہ رهي سگهندي. ڪنوار چيو: مان اوهان جي غربت جي ڪري نہ بلڪ انهيءَ لاءِ واپس وڃي رهي آهيان تہ ربُّ العٰلمين تي اوهان جو يقين ڪمزور محسوس ٿي رهيو آهي تڏهن تہ سڀاڻي لاءِ ماني بچائي رکو ٿا. مون کي پنهنجي والد تي حيرت آهي جو انهن اوهان کي پاڪيزه خصلت ۽ صالح ڪيئن سمجهيو! گهوٽ اهو ٻڌي ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ ان چيو: انهي ڪمزوري لاءِ معذرت خواهہ آهيان. ڪنوار چيو: پنهنجو عذر پاڻ ڄاڻو، البت! مان اهڙي گهر ۾ نہ ٿي رهي سگهان جتي هڪ وقت جو کاڌو رکيل هجي، هاڻي يا تہ مان رهنديس يا ماني. گهوٽ هڪدم ماني ٻاهر وڃي خيرات ڪئي ۽ اهڙي نيڪ سيرت انوکي شهزاديءَ جو مڙس بنجڻ تي **اللہ** عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيائين (روض الرياحين، ص 192)

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ڪامل يقين جون بهارون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! توڪل ڪندڙن جون بہ ڇا تہ خوب بهارون آهن. شهزاديءَ هئڻ جي باوجود اهڙو زبردست توڪل جو سياڻي لاءِ ڪاڏو بچائڻ گوارا ئي ناهي! هي سڀ ڪامل يقين جون بهارون آهن جو جنهن خدا عَزَّوَجَلَّ اڄ ڪارايو آهي اهو سڀاڻي بہ ڪارائڻ تي قادر آهي.

# شيخ شاهہ ڪِرماني جو تعارف

اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خلافت جي زماني ۾ اسلامي فتوحات جو سلسلو جڏهن مڪران جي وادي جي اولهہ ۾ وسيع و عريض ملڪ "ڪِرمان" تائين پهتو تہ ان وقت ڪِرمان جي بادشاهہ اسلامي سلطنت جو باجگذار (يعني ڏاني) بنجڻ ۾ عافيّت سمجهندي صلح جي طرف قدم وڌايو ۽ ائين اسلام جي نور سان ملڪِ ڪِرمان جي گهر گهر ۾ روشني ٿيڻ لڳي ۽ ٽين صدي ۾ ڪرمان جي شاهي خاندان ۾ هڪ اهڙي هستي پيدا ٿي جنهن ان خاندان جو نالو رهندي دنيا تائين روشن ڪيو، اها هستي هئي حضرت سيدنا شاهہ بن شجاع ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِی جي. شاهي خاندان سان تعلق رکڻ باوجود حڪومت سان سندن ڪو واسطو نہ هو، پر ماڻهن جي دلين تي سندن جي ئي حڪومت هئي ڇو تہ هڪ قول مطابق پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو شمار ابدالن ۾ ٿئي ٿو.

پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مرتبي ۽ عظمت جو اندازو صرف هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو، جڏهن سندن جو وصال ٿيو تہ حضرت سيدنا ابو عبدالله محمد بن احمد عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْاَحَد فرمائن ٿا: مان حضرت

سيدنا سَهل بن عبدالله تُستَري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ اوچتو هڪ ڪبوتري سهڪندي اسان جي سامهون اچي ڪري، مان ان کي اُڏائڻ لڳس تہ حضرت سيدنا سهل بن عبدالله تُستَري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی ائين ڪرڻ کان روڪيندي ارشاد فرمايو: اَطۡعِمۡهَا وَاسۡقِهَا يعني ان کي کجهہ کارايو پياريو. حضرت سيدنا ابوعبدالله رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون هڪ ماني جا ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪري ان جي اڳيان رکيا تہ اها کائڻ لڳي، پوءِ مون پاڻي رکيو تہ ان پاڻي بہ پيتو، ان کان پوءِ اها اڏامي وئي. اهو ڏسي مان اچرج ۾ پئجي ويس، نيٺ مون پڇا ڪئي: ان ڪبوتريءَ جو ڇا معاملو آهي؟ تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايو: شاهہ ڪِرماني هن جهان مان لاڏاڻو فرمائي ويا آهن ۽ اها ڪبوتري مون سان تعزيت ڪرڻ آئي هئي.

(حلية الاولياء ج 10 ص 254)

## عظيم والد جي عظيم ڌيءَ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! حضرت سيدنا شيخ شاهہ ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوۡرَانِی ايتري قدر عظيم مرتبي تي فائز هئڻ جي باوجود پنهنجي شهزاديءَ جي پرورش کان غفلت اختيار نہ ڪئي، بلڪ ان کي دنيا جي رنگينين کان پري رکڻ سان گڏوگڏ رضاءِ الٰهي تي هر حال ۾ صابر ۽ شاڪر رهڻ جي مدني سوچ بہ عطا فرمائي. ان ڪري ياد رکو! اولاد جي تربيت ۾ جتي ماءُ جو وڏو ڪردار آهي، اتي پيءُ جي ڪردار کي بہ نٿو وساري سگهجي. خاص ڪري نياڻي جي معاملي ۾ پيءُ جو ڪردار وڏي اهميت جو حامل آهي.

# اسلام کان پهريان عورت جي حيثيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام کان پهريان جيڪڏهن دنيا جي مختلف معاشرن ۾ عورت جي حيثيت ڏٺي وڃي ته معلوم ٿيندو ته عورتون مردن جي تابع هيون. مرد چاهي پيءُ هجي يا مڙس، پٽ هجي يا ڀاءُ، عورتن سان جهڙو چاهي سلوڪ ڪري، عورتن جي حيثيت بس هڪ خدمتگار جيان هئي. ڪٿي انهن سان جانورن کان بدتر سلوڪ ٿيندو هو ته ڪٿي وراثت ۾ ٻين مال ۽ ملڪيت جيان ان جي به ورهاست ٿيندي هئي. ڪٿي انهن کي مڙس جي موت سان گڏ ان جي چِتا (ڪاٺين جو اهو ڍير جنهن تي هندو پنهنجا مُردا ساڙيندا آهن) ۾ جيئرو ساڙي سَتي ٿيڻو پوندو هو (يعني بيوه کي مُرده مڙس جي لاش سان گڏ جيئرو ساڙيو ويندو هو) ته ڪٿي پيدا ٿيندي ئي انهن کي زمين ۾ جيئرو دفن ڪيو ويندو هو ڇو جو نياڻي جي پيدائش کي باعثِ شرمندگي سمجهيو ويندو هو، جڏهن ڪنهن شخص کي خبر پوندي هئي ته ان جي گهر ۾ نياڻي جي ولادت ٿي آهي ته اهو ڪيئي ڏينهن تائين ماڻهن جي سامهون نه ايندو هو ۽ سوچيندو رهندو هو ته اهو ان معاملي ۾ ڇا ڪري؟ ذلت برداشت ڪري نياڻي جي پرورش ڪري يا شرمندگي کان بچڻ لاءِ پنهنجي نياڻي کي جيئرو زمين ۾ دفن ڪري ڇڏي! سيپاري 14 سورة **النَّحل** جي آيت نمبر 58 ۽ 59 ۾ ارشاد آهي:

وَ اِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّ هُوَ كَظِیْمٌ ﴿۵۸﴾ یَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي ڌيءُ ڄمڻ جي خوشخبري ڏني وڃي ته سارو ڏينهن ان جو منهن ڪارو رهي ٿو ڪاوڙ جي حالت ۾

بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَیُمۡسِكُهٗ عَلٰی هُوۡنٍ اَمۡ یَدُسُّهٗ فِی التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا یَحۡكُمُوۡنَ ﴿۵۹﴾

ماڻهن کان لڪندو ڦرندو آهي ان بشارت جي برائي جي سبب، ڇا ان کي خواري سان پاڻ وٽ رکي يا ان کي مٽي ۾ پوري ڇڏي، خبردار نهايت ئي بڇڙو فيصلو ڪن ٿا.

## زنده دفن ڪرڻ واري بڇڙي رسم جي شروعات

جاهليت جي دؤر ۾ ڪيتريون ئي بڇڙيون ۽ بي رحم رسمون عام هونديون هيون ۽ ماڻهو انهن کي وڏي فخر سان ڪندا هئا، مثال طور هڪ رسم هي به هئي ته ڪي ماڻهو پنهنجي نياڻين کي جيئرو دفن ڪري ان تي غمگين يا شرمسار ٿيڻ بدران فخر ڪندا هئا. انهيءَ ظالماڻي حرڪت جي شروعات جو سبب هي بيان ڪيو ويندو آهي ته هڪ ڀيري ربيعه قبيلي تي انهن جي دشمنن رات جو حملو ڪري قبيلي جي سردار جي نياڻي کڻي ويا. جڏهن ٻنهي قبيلن جي وچ ۾ صلح ٿيو ته ان ڇوڪريءَ کي به واپس ڪيو ويو ۽ ان کي اختيار ڏنو ويو چاهي ته پنهنجي پيءُ وٽ رهي يا قيد جي دوران جنهن شخص سان گڏ رهي هئي ان وٽ واپس هلي وڃي. ان ڇوڪريءَ ان شخص وٽ وڃڻ پسند ڪيو ته ان جي پيءُ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ان پنهنجي قبيلي ۾ اها رسم جاري ڪئي ته جڏهن به ڪنهن وٽ ڇوڪريءَ پيدا ٿئي ته ان کي جيئرو زمين ۾ پوريو وڃي ته جيئن اڳتي وري قبيلي جي اهڙي خواري نه ٿئي، پوءِ ٻين قبيلن ۾ به اهو رواج آهستي آهستي مقبول ٿيندو ويو.

(روح المعاني الجزء الثلاثون التکوير تحت الآية 8 ص 360)

# نياڻين جي دفن ڪرڻ جا ڪجهہ سبب

نياڻين جي دفن ڪرڻ جا ان ڪان سواءِ ڪيترائي سبب بيان ڪيا ويا آهن:

۞ عرب جي عام ماڻهن جي معاشي حالت سٺي نہ هوندي هئي، نياڻين کي پالڻ، جوان ڪرڻ، پوءِ انهن جي شادي ڪرڻ کي، اهي پنهنجي لاءِ ناقابلِ برداشت بار سمجهندا هئا. تنهنڪري ننڍپڻ ۾ ئي انهن جو بندوبست ڪيو ويندو هو.

۞ قبيلن جو پاڻ ۾ جهيڙو جهڳڙو روزانو جو معمول هو، ڇوڪرا جوان ٿيندي ئي اهڙين لڙائين ۾ انهن سان هٿ ونڊائيندا هئا. ڇوڪريون لڙائين ۾ بہ شرڪت نہ ڪري سگهنديون هيون، وري انهن کي دشمنن جي دست برد کان بچائڻ لاءِ بہ انهن کي اڪثر ڪري مختلف مسئلن ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو هو، انهي لاءِ اهي انهن کي جيئرو رکڻ پنهنجي لاءِ بار سمجهندا هئا.

۞ انهن جو جاهلاڻو غرور بہ ان جو هڪ سبب هو اهي ڪنهن کي پنهنجو نياڻو بنائڻ پنهنجي بيعزتي سمجهندا هئا. ان ڪان بچڻ جو سولو طريقو اهو هو تہ نہ ڇوڪريءَ جيئري هجي نہ انهي جي شادي ڪئي وڃي ۽ نہ ڪو ان جو نياڻو بڻجي.

جيتوڻيڪ سبب مختلف ۽ گهڻا هئا پر هي ظالماڻي رسم عرب جي جاهل معاشري ۾ مضبوط ٿي چڪي هئي، عام طور تي ان گندي رسم کي ڪو شرمناڪ شيء يا ظلم بہ نہ سمجهندو هو. پيءُ پنهنجي اولاد جو مڪمل طرح سان مالڪ هوندو هو، وڻيس تہ ان کي جيئرو رکي يا قتل ڪري، ڪنهن کي ان تي اعتراض جو ڪو حق حاصل نہ هوندو هو بلڪ هڪ ئي شخص پنهنجي ڪيترين

ئي نياڻين کي جيئرو قبر ۾ پوري ڇڏيندو هو ۽ ان کي ذري برابر افسوس نہ ٿيندو هو. جهڙي طرح امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ حضرت سيدنا قيس بن عاصم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ ڀيري رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ حاضر ٿيا (جاهليت واري زماني ۾ نياڻين کي جيئرو قبر ۾ دفن ڪرڻ واري فعل تي شرمسار ٿيندي) عرض ڪيائون: مون جاهليت واري زماني ۾ اَٺن نياڻين کي جيئرو دفن ڪيو آهي (ڇا منهنجو هي گناه معاف ٿي ويندو؟) تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: (مسلمان ٿيندي ئي گناه تہ معاف ٿي چڪو آهي، البت!) قبر ۾ زنده دفن ڪيل هر نياڻي جي عيوض توهان هڪ غلام آزاد ڪيو. عرض ڪيائون: مون وٽ اُٺ گهڻا آهن. ارشاد فرمايائون: تہ پوءِ هر نياڻي جي عيوض هڪ جانور صدقو ڪيو. (المعجم الكبير ج 18 ص 337 ص 863)

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا قيس بن عاصم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي اقرار مان چڱيءَ طرح اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن انهن پنهنجي اَٺن نياڻين کي جيئرو دفن ڪيو هو، خبر نہ آهي تہ ڪيترين نياڻين کي ٻين بہ دفن ڪيو هوندو! انهيءَ باوجود ان سنگدل معاشري ۾ ڪجھ اهڙا ماڻهو بہ موجود هئا جيڪي معصوم ڇوڪرين جي عاجزي تي رت روئندا هئا ۽ جيستائين ممڪن ٿيندو هو نياڻين کي جيئرو دفن ٿيڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. مثال طور امير المؤمنين حضرت سيدنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سؤٽ ۽ حضرت سيدنا سعيد بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي والد زيد بن عَمرو بن نُفَيل کي جڏهن خبر پوندي هئي تہ فلاڻيءَ جي گهر ڇوڪريءَ پيدا ٿي آهي ۽ اهو ان کي جيئرو دفن ڪرڻ چاهي ٿو تہ جلد ئي ان

وٽ ويندا هئا ۽ ان جي ڇوڪريءَ جي پرورش ۽ شادي وغيره جي اخراجات جي ذميداري کڻندا هئا ۽ اهڙي طرح ان ننڍي ڇوڪريءَ کي قبر ۾ جيئرو دفن ڪرڻ کان ڀڄايئين بچائيندا هئا، مشهور شاعر فَرَزْدق جي ڏاڏي حضرت سيدنا صَعْصَعَہ بن ناجيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو بہ اهوئي معمول هوندو هو. حضرت سيدنا علامہ آلوسي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی طبراني جي حوالي سان لکيو آهي تہ حضرت سيدنا صَعْصَعَہ بن ناجيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون جاهليت جي زماني ۾ (بہ نيڪ ڪم ڪيا آهن، ڇا مون کي انهن جو بہ اجر ملندو؟ مثال طور مون) 360 ڇوڪرين کي جيئرو قبر ۾ دفن ٿيڻ کان بچايو ۽ هر ڇوڪريءَ جي عيوض ڏهہ مهينن جون ڏيکيون بہ ڏاچيون ۽ هڪ اُٺ فديي طور انهن جي پيئرن کي ڏنو، ڇا مون کي ان عمل جو ڪو اجر ملندو؟ تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ان عمل جو توکي اجر تہ ملي ويو، الله عَزَّوَجَلَّ توکي اسلام آڻڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ توکي ايمان جي نعمت سان سرفراز ڪيو. (روح المعاني الجزءُ الثلاثون سورة التكوير تحت الآية 9 ص 361، المعجم الكبير ج 8 ص 77 حديث 7412)

## نياڻين تي اسلام جا احسان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام جو نور ڇا تہ روشن ٿيو هر پاسي ڪفر ۽ ظلم و سِتم جو انڌيرو بہ ختم ٿي ويو ۽ ائين نياڻين کي اسلام جي برڪت سان هڪ نئين زندگي ملي. جيڪي ماڻهو ڀهريان نياڻين کي جيئرو قبر ۾ دفن ڪرڻ تي فخر محسوس ڪندا هئا، هاڻي نياڻين کي پنهنجي اکين جو تارو سمجهڻ لڳا ڇو تہ بيڪسن جا غمخوار، حبيب پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن ماڻهن

جي سامهون نہ رڳو پنهنجي شهزادين سان محبت جو عملي نمونو پيش ڪيو بلڪ انهن جو هي مدني ذهن بہ ٺاهيو تہ نياڻين کي عار نہ سمجهيو وڃي ڇو تہ اهي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۽ بخشش جو ذريعو آهن. پڻ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اولاد** خاص ڪري نياڻين جي پرورش جي باري ۾ فضيلتون بيان فرمائي انهن جي اهميت کي وڌيڪ اُجاگر فرمايو آهي، نياڻين جي فضائل تي مشتمل ڪجھ احاديث مبارڪ ملاحظ فرمايو.

# نياڻين جي فضيلتن تي مشتمل فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قيامت تائين مدد جي خوشخبري

حضور پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: جڏهن ڪنهن وٽ نياڻي جي ولادت ٿيندي آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي گهر ملائڪن کي موڪليندو آهي، جيڪي اچي چوندا آهن: اي گهر وارؤ! توهان تي سلامتي هجي. پوءِ ملائڪ پنهنجي پرن سان ان ڇوڪريءَ کي گهيري وٺندا آهن ۽ ان جي مٿي تي هٿ ڦيري چوندا آهن: هڪ ڪمزور ڇوڪريءَ ڪمزور عورت مان پيدا ٿي، جيڪو ان جي ڪفالت ڪندو قيامت تائين ان جي مدد ڪئي ويندي. (المعجم الصغير ج 1 ص 30)

## هڪ نياڻي جي پرورش تي انعام

سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن شخص کي هڪ نياڻي هجي اهو ان کي ادب سيکاري ۽ سنو ادب سيکاري ۽ ان کي تعليم ڏئي ۽ سٺي تعليم ڏئي ۽ **الله**

عَزَّوَجَلَّ ان کي جيڪي نعمتون عطا فرمايون آهن انهن نعمتن مان ان کي بہ ڏئي تہ ان جي اها نياڻي ان جي لاءِ دوزخ جي باهہ کان آڙ ۽ حِجاب (يعني بچاءُ) ٿيندي. (حلية الاولياء ج 5 ص 67 حديث 6348)

# ٽن نياڻين جي پرورش تي انعام

ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطان بحر و بَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عافيت نشان آهي: جنهن شخص کي ٽي نياڻيون هجن ۽ اهو ان تي صبر ڪري، انهن کي ڪارائي پيئاري ۽ انهن کي پنهنجي ڪمائي مان ڪپڙا پارائي تہ اهي ڇوڪريون ان جي لاءِ دوزخ جي باهہ کان آڙ بڻجنديون. (ابن ماجہ ج 4 ص 189 حديث 3669)

# الله عَزَّوَجَلَّ جنت واجب ڪري ڇڏي

اُمُّ المؤمنين حضرت سيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون وٽ هڪ مسڪين عورت پنهنجي ٻن نياڻين سان آئي، مون ان کي ٽي کجورون ڏنيون، ان هڪ هڪ کجور ٻنهي نياڻين کي ڏني ۽ هڪ کجور کائڻ لاءِ پنهنجي وات ڏانهن وڌائي تہ ان جي نياڻين ان کان اها کجور بہ گهري ورتي، ان اها کجور بہ بہ اڌ ڪري ٻنهي نياڻين کي ڪارائي ڇڏي. مون کي ان تي حيرت ٿي پوءِ مون رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان انهيءَ ڳالهہ جو تذڪرو ڪيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ان (جي ان فعل) جي سبب ان عورت لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏي. (صحيح مسلم ص 1415 حديث 2630)

# نياڻين يا ڀينرن جي پرورش تي انعام

رسول اڪرم، نور مجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان

آهي: جيڪو شخص ٽن نياڻين يا ڀينرن جي اهڙي طرح پرورش ڪري جو انهن کي ادب سيکاري ۽ انهن تي مهرباني وارو ورتاءُ ڪري ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي بي نياز ڪري ڇڏي (يعني اهي بالغ ٿي وڃن يا انهن جو نڪاح ٿي وڃي يا اهي مالدار ٿي وڃن) ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت واجب فرمائي ڇڏيندو آهي. هي ارشاد ٻڌي صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪرڻ لڳا: جيڪڏهن ڪو شخص ٻن ڇوڪرين جي پرورش ڪري ته ......؟ ارشاد فرمايائون: ان جي لاءِ به اهو ئي اجر ۽ ثواب آهي ايتري تائين جو جيڪڏهن ماڻهو هڪ جو ذڪر ڪن ها ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي باري ۾ اهو ئي ارشاد فرمائن ها. (شرح السنة للبغوي ج 6 ص 452 حديث 3351)

## شڪر جو مقام

اسلامي ڀينرن لاءِ شڪر جو مقام آهي ته هڪ وقت اهو هو جڏهن دنيا ۾ انهن جي پيدا ٿيڻ کي عار ۽ ذلت و خواري سمجهيو ويندو هو پر اسلامي تعليمات، قرآني آيات ۽ ارشاداتِ نبوي انهن جي اهميت کي اجاگر ڪري هن ڳالهه جو شعور ڏياريو ته نياڻيون رحمتِ خداوندي جي نزول جو سبب آهن، تنهن ڪري انهن جو قدر ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح اهوئي سبب آهي جو اڄ جي هن پُرفِتن دؤر ۾ اسلامي تعليمات سان لڳاءُ رکڻ وارن والدين جي تربيت ۽ توجه جتي پٽن کي معاشري جو هڪ باعزت فرد بنائڻ جي خواهان آهي اتي نياڻي جي بهترين پرورش کان به غافل نه آهن. بلڪ نياڻي جي عظمت ۽ اهميت جي پيشِ نظر ان جي عزت و ناموس جي حفاظت جي لاءِ اسلام جيڪي ان جي تربيت جا سونهري مدني گل

عطا فرمايا آهن اهي انهن کي قيمتي سرمايو سمجهن ٿا.

## نياڻي جي پرورش لاءِ مدني گل

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي هن شرمناڪ دؤر ۾ اسلامي تعليمات کان پري رهڻ ۽ غير مسلمن جي انڌي تقليد مسلمانن کي خوار ڪري ڇڏيو آهي. بدقسمتي سان اڄڪلهه مسلمانن جي رهڻي ڪهڻي، طور طريقا ۽ رسم و رواج، اسلامي تعليمات جي بالڪل ابتڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اهڙي نازڪ حالتن ۾ اولاد خاص ڪري ڌيءَ جي صحيح اسلامي تربيت ڏاڍي مشڪل نظر اچي ٿي. ان ڪري جيڪڏهن اسان نياڻي جي صحيح تربيت ڪرڻ چاهيون ٿا ته سڀ کان پهريان اسلامي معلومات حاصل ڪرڻ ضروري آهي ڇو ته اسلامي تعليمات جي روشني ۾ اسان صحيح معنيٰ ۾ پنهنجي هن اهم ذميداري کي نڀائي سگهون. جيئن ته اڄ جي نياڻي سڀاڻي ڪنهن جي گهر واري ۽ نُنهن ٿيندي، پوءِ ماءُ ۽ وري سس ٿيندي، تنهن ڪري اڄ ان نياڻي جي تربيت تي ڀرپور توجهه ڏيڻ ضروري آهي ڇو جو سڀاڻي جڏهن هي پاڻ ڪنهن جي ماءُ ٿيندي ته پنهنجي اولاد جي تربيت ۾ غفلت کان ڪم نه وٺندي.

اچو ته! ڪجهه اهڙن مدني گُلن تي نظر وجهون جيڪي نياڻي جي پرورش ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا:

### ﴾1﴿ نياڻي جي پيدائش تي ردِّ عمل

پٽ پيدا ٿئي يا نياڻي، هر حال ۾ شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. ڇوته جيڪڏهن پٽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت آهي ته نياڻي رحمت. ٻئي پيار ۽ شفقت جا مستحق آهن. جديد دؤر ۾ هي عام مشاهدو آهي ته

پٽ جي ولادت تي جهڙي خوشي جو اظهار ٿيندو آهي ڌيءَ جي ولادت تي ان جو ڏهون حصو بہ ناهي ٿيندو. ڇو تہ دنياوي طور تي ڇوڪرين سان والدين ۽ خاندان کي ظاهري طرح ڪو نفعو حاصل ناهي ٿيندو شايد ان لاءِ ڪي بيوقوف نياڻين جي ولادت ٿيڻ تي منهن سُجائيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪريءَ جي ماءُ کي مختلف طعنا ڏيندا آهن ۽ طلاق جون ڌمڪيون ڏيندا آهن بلڪ لاڳيتو نياڻين ٿيڻ جي صورت ۾ ان ڌمڪي تي عمل بہ ڪيو ويندو آهي. اهڙن ماڻهن کي گهرجي تہ اهي گذريل صفحن ۾ بيان ڪيل روايتون ۽ ان کان سواءِ هيٺين روايتن تي بہ غور ڪن جو جنهن ۾ نياڻي جي پيدائش تي جنت جي خوشخبري سان نوازيو ويو آهي.

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطان بحر و بر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عظمت نشان آهي: جنهن وٽ نياڻي پيدا ٿئي ۽ اهو نہ ان کي جيئرو دفن ڪري، نہ ذليل سمجهي ۽ نہ ئي ان تي پٽ کي مٿاهون سمجهي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهي کي جنت ۾ داخل فرمائيندو.

(مستدرڪ ج 5 ص 248 حديث 7428)

## ﴿2﴾ ڪن ۾ اذان

نياڻي جي پيدائش تي غمگين ٿيڻ جي بدران خوشي جو اظهار ڪرڻ کان پوءِ سڀ کان پهريون ڪم هي ڪرڻ گهرجي تہ ان جي ڪنن ۾ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري جو پيغام اذان ۽ اقامت جي صورت ۾ پهچايو وڃي تہ جيئن ان جو روح، توحيد جي نور سان منور ۽ دل عشق مصطفيٰ جي شمع سان روشن ٿي پوي، ائين ڪرڻ مستحب ۽ سنت مان ثابت آهي.

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 22 صفحن تي مشتمل رسالي "**عقيقي جي باري ۾ سوال جواب**" صفحي 7 تي آهي: جڏهن ٻار پيدا ٿئي تہ مستحب هي آهي تہ ان جي ڪن ۾ اذان ۽ اقامت چئي وڃي، اذان چوڻ سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ مصيبتون ٽري وينديون. امام عالي مقام حضرت سيدنا امام حسين ابن علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪار والاتبار، اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جنهن شخص جي گهر ۾ ٻار پيدا ٿئي ان جي ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ اقامت چئي وڃي تہ ٻار اُمُّ الصِّبيان کان محفوظ رهندو. (مسند ابي يعلیٰ ج 6 ص 32 حديث 6747) اُمُّ الصِّبيان جي باري ۾ عاشقن جي امام، امام اهلسنت، مجدد دين و ملت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: (صَرَع) وڏي خبيث بلا آهي ۽ جيڪڏهن ٻارن کي ٿئي تہ ان کي اُمُّ الصِّبيان چوندا آهن، نہ تہ صَرَع (مرگهي). (ملفوظات اعلیٰ حضرت ص 417)

"**نُزهةُ القاري**" ۾ آهي: صَرَع جي معنيٰ بيهوش ٿي ڪري پوڻ آهي هي ڪڏهن اَخلاط (اَخلاط، خلط جو جمع معني مزاج. جسم جا چار مزاج (1) صفرا (يعني پِت) (2) رت (3) بلغم ۽ (4) سودا (سڙيل ڪارو بلغم)) جي فساد جو سبب ٿيندي آهي جنهن کي مرگهي چوندا آهن ۽ ڪڏهن جِن يا خبيث همزاد جي اثر جي ڪري ٿيندي آهي. (نزهة القاري ج 5 ص 489) منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جڏهن ٻار پيدا ٿئي جلدي ساڄي ڪن ۾ اذان، کاٻي ڪن ۾ تڪبير چئجي تہ جيئن شيطان جي خَلل ۽ اُمُّ الصِّبيان کان بچي. (فتاویٰ رضويہ ج 24 ص 452) بهتر هي آهي تہ ساڄي ڪن ۾ چار ڀيرا اذان ۽

ڪاٻي ڪن ۾ ٽي ڀيرا اقامت چئي وڃي. (جيڪڏهن هڪ ڀيرو اذان ۽ اقامت چئي وئي تڏهن بہ حرج نہ آهي) ستين ڏينهن ان جو نالو رکيو وڃي ۽ ان جو مٿو ڪوڙيو وڃي ۽ مٿو ڪوڙڻ وقت عقيقو ڪيو وڃي ۽ وارن جو وزن ڪري اوتري چاندي يا سون صدقو ڪيو وڃي. (بهار شريعت ج 3 ص 355) گهڻن ماڻهن ۾ اهو رواج آهي تہ ڇوڪرو پيدا ٿيندو آهي تہ اذان چئي ويندي آهي ۽ ڇوڪري پيدا ٿيندي آهي تہ اذان نہ چئي ويندي آهي. ائين ڪرڻ نہ گهرجي بلڪ ڇوڪريءَ پيدا ٿئي تڏهن بہ اذان ۽ اقامت چئي وڃي. (المرجع السابق)

## ﴿3﴾ تحنيڪ

تَحنِيڪ يعني سُتي ڏيڻ جي باري ۾ حضرت سيدنا ابو زڪريا يحيٰ بن شرف نَوَوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی شرح صحيح مسلم ۾ فرمائن ٿا: سيني عالمن سڳورن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ ٻار جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ کجور (يا ڪنهن مٺي شيءِ) جي سُتي ڏيڻ مستحب آهي، جيڪڏهن کجور نہ هجي تہ جيڪا بہ مٺي شيءِ موجود هجي ان جي سُتي ڏئي سگهجي ٿي. ان جو طريقو هي آهي تہ سُتي ڏيڻ وارو کجور پنهنجي وات ۾ سني نموني چٻاڙي نرم ڪري جو ان کي ڳهي سگهجي پوءِ اها ٻار جو وات کولي ان ۾ رکجي. مستحب هي آهي تہ سُتي ڏيڻ وارو نيڪ، متقي ۽ پرهيزگار هجي، چاهي اهو مرد هجي يا عورت. جيڪڏهن اهڙو ڪو شخص موجود نہ هجي تہ نئين ڄاول ٻار کي تَحنِيڪ جي لاءِ ڪنهن نيڪ ماڻهو وٽ کڻي وڃي سگهو ٿا. (شرح صحيح مسلم ج 7 ص 122) جيئن تہ اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان مروي آهي تہ ماڻهو پنهنجي

(ٽون چاول) ٻارن کي تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ اقدس ۾ کڻي ايندا هئا، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي لاءِ خير و برڪت جي دعا فرمائيندا هئا ۽ تحنيڪ فرمائيندا هئا.

(صحيح مسلم ص 1184 حديث 2147)

پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي معمول مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ٻارن خاص ڪري نياڻي جي تحنيڪ صالح ۽ متقي مسلمانن کان ڪرائي وڃي تہ جيئن نيڪ ماڻهن جون دعائون ۽ برڪتون ان سُٺي ۾ شامل هجن.

## ﴿4﴾ سٺو نالو رکڻ

ماءُ پيءُ جي طرفان جيئن تہ ٻار جي لاءِ سڀ کان پهريون ۽ بنيادي تحفو هي هوندو آهي جو ان جو سٺو ۽ برڪتن ڀريو نالو رکن تہ جيئن هي تحفو سڄي عمر ان کي ماءُ پيءُ جي شفقتن ۽ مهربانين جي ياد ڏياريندو رهي، ايتري تائين جو ميدانِ مَحشر ۾ بہ پنهنجي والدين جي عطا ڪيل ان نالي سان بارگاهِ خداوندي ۾ حاضري جي لاءِ سڏيو وڃي. حضرت سيدنا ابودرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن اوهان پنهنجي ۽ پنهنجي پيئرن جي نالن سان سڏيا ويندؤ تنهن ڪري سٺا نالا رکندا ڪريو.

(ابوداؤد ج 4 ص 374 حديث 4948)

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ٻارن خاص ڪري نياڻين جي نالن رکڻ ۾ وڏي احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ انهن جو نالو اهڙو رکڻ گهرجي جو دنيا ۽ آخرت ۾ انهن کي ڪٿي شرمندو نہ ٿيڻو پوي. ان لاءِ جو ڪڏهن ڪڏهن شرعي مسئلن جي ڄاڻ نہ هئڻ

جي ڪري ماڻهو نياڻين جا نالا مشهور ڪافر عورتن جي نالن جهڙا رکندا آهن جيڪي بي معنيٰ هوندا آهن يا انهن جي معنيٰ سٺي نہ هوندي آهي، اهڙا نالا رکڻ کان بچڻ گهرجي. بهار شريعت ۾ آهي: اهڙو نالو رکڻ جنهن جو ذِڪر نہ قرآن مجيد ۾ آيو هجي، نہ حديثن ۾ هجي، نہ مسلمانن ۾ اهڙو نالو استعمال ٿيندو هجي، ان ۾ علماء جو اختلاف آهي بهتر هي آهي تہ نہ رکجي. (بهار شريعت ج 3 ص 603) ان ڪري گهرجي تہ نياڻين جا نالا اُمَّهاتُ المؤمنين، صحابيات ۽ نيڪ عورتن رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُنَّ جي نالن مبارڪن جهڙا رکيا وڃن. ان جو هڪ فائدو هي ٿيندو تہ اوهان جي نياڻي جو **اللہ** عَزَّوَجَلَّ جي برگزيده ۽ نيڪ عورتن سان روحاني تعلق قائم ٿيندو ۽ ٻيو انهن نيڪ هستين سان نالي رکڻ جي برڪت سان ان جي زندگي تي مدني اثرات مرتب ٿيندا. جيڪڏهن اوهان پنهنجي نياڻي جو نالو رکڻ وقت انهن مدني گلن کي مدِنظر نہ رکيو هو تہ پريشان نہ ٿيو بلڪ ان جو نالو تبديل ڪيو.

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم برن نالن کي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. (ترمذي ج 4 ص 382 حديث 2848) ۽ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا جُوَيريہ رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو نالو پهريان بَرّه (نيڪي) هو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بدلائي جُوَيريہ رکيو. (مسلم ص 1182 حديث 2140) نالي رکڻ وقت حضرت سيدنا ابو زڪريا يحيٰ بن شرف نَوَوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللہِ الۡقَوِی جو عطا ڪيل هي مدني گل هميشہ ياد رکڻ گهرجي جو ٻار جو نالو **اللہ** عَزَّوَجَلَّ جي ڪنهن نيڪ ٻانهي (مثال طور پير و مرشد وغيره) کان رکرائڻ

مُسۡتَحَب آهي ۽ جنهن ڏينهن ٻار پيدا ٿئي ان ڏينهن نالو رکڻ بہ جائز آهي. (شرح صحيح مسلم ج 7 ص 124)

## ﴿5﴾ وار ڪوڙائڻ ۽ عقيقو ڪرڻ

ستين ڏينهن وار ڪوڙائي ان جي وزن جيتري چاندي صدقو ڪرڻ گهرجي ۽ عقيقو بہ ان ڏينهن ڪرڻ گهرجي. منهنجا آقا، اعليٰ حضرت عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ ربِّ العزّت فتاويٰ رضويہ شريف ۾ فرمائن ٿا: ستين ڏينهن ۾ جيڪر نہ ڪري سگهي تہ چوڏهين ڏينهن نہ تہ ايڪيهين ڏينهن عقيقو ڪري، نياڻي جي لاءِ هڪ، پٽ لاءِ ٻہ (ٻڪريون) جو ان ۾ ٻار ڪي جڻ تہ گروي مان ڇڏائڻو آهي. (فتاوىٰ رضويہ ج 24 ص 452)

”عقيقي جي باري ۾ سوال جواب“ صفحي 4 تي آهي: ”يعني جيڪو ٻار ستن ڏينهن جو ٿيو ۽ بنا عذر جي جڏهن تہ استطاعت بہ آهي ان جو عقيقو نہ ڪيو ويو تہ اهو پنهنجي ماءُ پيءُ جي شفاعت نہ ڪندو. حديث پاڪ ۾ آهي: اَلۡغُلَامُ مُرۡتَهَنٌ بِعَقِيۡقَتِه يعني ”ٻار پنهنجي عقيقي ۾ گِروي آهي.“ (ترمذي ج 3 ص 177 حديث 1527) اَشِعَّةُ اللَّمعات ۾ آهي، امام احمد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”ٻار جو جيستائين عقيقو نہ ڪيو ويو ان جي والدين جي حق ۾ شفاعت ڪرڻ کان روڪيو ويندو آهي.“ (اشعة اللمعات ج 3 ص 512)

صدرُالشَّريعة، بدرُالطَّريقة، حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی ذڪر ڪيل حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”گروي“ ٿيڻ جو مطلب هي آهي تہ ان مان پورو نفعو حاصل نہ ٿيندو جيستائين عقيقو نہ ڪيو وڃي ۽ ڪن (مُحَدِّثن) چيو تہ ٻار جي سلامتي ۽ ان جي نَشوونُما (واڌ ويجهہ) ۽ ان ۾

چڱيون خوبيون تيڻ عقيقي سان وابستہ آهن. (بهار شريعت ج 3 ص 354)

## ﴿6﴾ حلال رزق کارائڻ

هن دؤر ۾ مهانگائي جيئن تہ هر شخص جي چيلھ ڇڀي ڪري ڇڏي آهي، تنهنڪري هي ڳالھ عام ڏٺي وئي آهي تہ ضرورتن جي پورائي ۽ آسائشون حاصل ڪرڻ لاءِ اڪثر ڪري حلال و حرام ڪمائي جي پرواھ نہ ڪئي ويندي آهي ۽ هي ڳالھ ان جي ذهن مان نڪري ويندي آهي تہ حرام ڪمائي دنيا ۽ آخرت ۾ وڏي نقصان جو سبب آهي. حضرت سيدنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ شهنشاھ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اهو گوشت هرگز جنت ۾ داخل نہ ٿيندو جيڪو حرام سان وڌيو ويجهيو آهي. (سنن الدارمي ج 2 ص 409 حديث 2776)

هميشہ حلال رزق ڪمائي پنهنجي اولاد جي پرورش ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي تہ جيڪو شخص ان ڪري حلال ڪمائيندو آهي تہ سوال ڪرڻ کان بچي ۽ اهل و عيال جي لاءِ ڪجھ حاصل ڪري ۽ پاڙيسرين سان سهڻو سلوڪ ڪري تہ اهو قيامت ۾ اهڙي طرح ايندو جو ان جو چهرو چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندو هوندو.

(شعب الايمان ج 7 ص 298 حديث 10375)

## ﴿7﴾ سٺيون ڳالهيون سيکارڻ

عورتن جي باري ۾ جيئن تہ هي ڳالھ ڏاڍي مشهور آهي تہ فضول ڳالهائڻ جون عادي هونديون آهن، تنهن ڪري پنهنجي نياڻي کي فضول ڳالهائڻ وغيره کان بچائڻ لاءِ سنين سنين نيتن سان ڪوشش ڪجي جو جڏهن اها ٿورو هوشيار ٿي وڃي ۽ زبان کولڻ

لڳي تہ سڀ کان پھريان ان جي پاڪ ۽ صاف زبان مان اسمِ جلالت "اللّٰه" ۽ ڪلمو طيب ئي نڪري. حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان روايت آھي تہ حضورِ پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پنھنجي اولاد جي زبان سان سڀ کان پھريان لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ چورايو. (شعب الايمان ج 6 ص 397 حديث 8649) اھڙي طرح پندرھين صدي جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، شيخ طريقت، امير اھلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ پنھنجي ڏوھٽيءَ جي لاءِ سيني گھروارن کي چئي ڇڏيو ھو تہ انھيءَ جي سامھون "اللّٰه اللّٰه" جو ذڪر ڪندا رھن تہ جيئن ان جي زبان مان پھريون لفظ "اللّٰه" نڪري ۽ جڏھن ان کي سندن بارگاھ ۾ آندو ويندو ھو تہ اوھان پاڻ بہ ان جي سامھون ذِڪرُ اللّٰه ڪندا ھئا. جڏھن اوھان جي ڏوھٽيءَ ڳالھائڻ شروع ڪيو تہ پھريون لفظ "اللّٰه" ئي چيائين.

## ﴿8﴾ تعليم ۽ اسلامي تربيت

موجوده زماني ۾ جيڪڏھن معاشري جو غور سان جائزو ورتو وڃي تہ ھر طرف بہ ئي شيون نظر اچن ٿيون. جديد تعليم و ترقي ۽ نام نھاد روشن مستقبل جي نالي تي ھڪ پاسي شھر شھر بلڪ گھٽي گھٽي ۾ مغربي تھذيب (Western Culture) وارا مختلف خوبصورت ۽ پرڪشش نالن وارا ڪليل اسڪول (Schools) نظر اچن ٿا جن جو ھڪ وڏو تعداد اسلام دشمن قوتن جي اثر ھيٺ مذھب ۽ ملت جي قيد کان آزاد معاشري وارا ماڻھو تيار ڪرڻ ۾ رُذل آھن تہ ٻئي پاسي ھر جڳھہ خاص ڪري وڏن شھرن جي پوش علائقن،

هائوسنگ سوسائٽيز (Housing Societies)، وي آءِ پي پاپوليشن ايرياز، اپر ڪلاس ريزيڊنشل ايرياز (Upper class residential areas) ۾ اسلامڪ اسڪولز (Islamic Schools) جي نالي تي بدمذهبن جا ادارا ۽ جامعات اسان جي ايندڙ نسلن جي ايمان، ديني حَمِيَّت ۽ غيرت جي لاءِ وڏن خطرن جو سبب بڻجي رهيا آهن.

انهيءَ لاءِ ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ عشقِ رسول سان سرشار معاشري جي تشڪيل جي لاءِ مدني تربيت جو هڪ اهڙو مضبوط ۽ پائيدار منصوبو بنايو وڃي جنهن سان جديد دور جي نوجوانن جي فڪر ۽ سوچ ۾ تبديلي آڻڻ سان گڏوگڏ نہ رڳو انهن جو رُخ مدينہ جي طرف ٿي وڃي بلڪ انهن جو سينو ئي مدينو بڻجي وڃي. جنهن جي لاءِ سڀ کان پهريون ڏاکو هي آهي تہ اڄ جي هن ٽڙندڙ گل کي زماني جي گردش ۽ طوفانن کان محفوظ ڪيو وڃي جوتہ اڄ جنهن جي مُسڪراهٽ ماءُ پيءُ جي غمن کي ختم ڪندي آهي، سڀاڻي جڏهن پوري طرح ٽڙي ڪنهن جي حياتي جي گلستان ۾ مهڪي تہ چئني پاسي فضا خوشگوار ٿي وڃي. هي تمام ضروري آهي تہ اسان پنهنجي ايندڙ نسلن خاص ڪري نياڻين کي عزت و ناموس جو پيڪر بڻائڻ، توحيد ۽ رسالت سان واقف ڪرائڻ ۽ اسلام جي نالي تي تن من ڌن قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪيون تہ جيئن عاشقانِ رسول جا عشق و مستي سان ڀرپور داستان ماضي جو ڪو داستان بڻجڻ جي بدران جديد دؤر ۾ حقيقت جو روپ ڌاري سگهن ۽ انهي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مهڪندڙ ۽ پاڪيزه، مُعَطَّر و مُعَنبر مدني ماحول کان بهتر ڪو ماحول نہ آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان جو تعلق زندگي جي ڪنهن بہ شعبي سان هجي غم نہ ڪيو دعوتِ اسلامي اوهان کي هر جاءِ بلڪ زندگي جي هر موڙ تي رهنمائي ڪندي نظر ايندي، مثال طور ٽن سالن جي عمر ۾ پنهنجي نياڻي کي جديد دنياوي تعليم سان گڏوگڏ فرض ديني علم سيکارڻ لاءِ **دار المدينہ** ۾ داخل ڪرايو يا جيڪڏهن ٿوري وڏي عمر جي آهي تہ ان کي قرآن ڪريم ناظره ۽ حِفظ ڪرائڻ لاءِ مدرسة المدينہ للبنات ۽ علم دين جي واذاري ۽ اشاعت جي لاءِ جامعات المدينہ للبنات ۾ داخل ڪرايو.

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مُجَدّد دين و ملت، پروانہ شمع رسالت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: نندپڻ ۾ جيڪا عادت پوندي آهي گهٽ نڪرندي آهي. (فتاوىٰ رضويہ ج 22 ص 215) انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو هڪ نياڻي جي تعليم و تربيت ۾ غفلت ڪندا آهن حقيقت ۾ اهي ايندڙ نسلن جي تعليم و تربيت ۾ ڪوتاهي جا مرتڪب ٿيندا آهن. اهڙي طرح هڪ نياڻي جي پرورش جي دوران تعليم و تربيت جي جن مرحلن مان گذرڻو پوندو آهي، جيڪڏهن انهن تي غور ڪيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تعليم ۽ تربيت جيتوڻيڪ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن پر انهن تي سرسري نگاهہ وجهڻ سان معاملو ڪجهہ اهڙي صورت اختيار ڪندو آهي:

## (1).....بنيادي ۽ ضروري عقيدن جي تعليم

شيطاني طاقتون عاشقانِ رسول کي بالڪل ختم ڪرڻ لاءِ انهن جي عقيدن ۽ عملن کي تباهہ ڪرڻ جي پوري ڪوشش ۾ رُذل آهن ۽ ان سلسلي ۾ انهن کي ڪجهہ بدنيت ماڻهن جي بہ وڏي مدد حاصل آهي. غير مسلم طاقتن جي مسلمانن کي ختم ڪرڻ ۽

پاڪيزه اسلامي تعليمات کي بگاڙڻ جي انهن ناپاڪ سازشن جو نتيجو آهي جو هن پُر فِتن دور ۾ گناهن جي ڀرمار ۽ فيشن پرستي جي يلغار مسلمانن جي گهڻائي کي بي عمل بڻائي ڇڏيو آهي. علم دين کان بي رغبتي آهي ۽ هر خاص و عام جو رُجحان رڳو دنياوي تعليم ڏانهن آهي. ديني مسئلن کان اڻ واقفيت جي بنياد تي هر پاسي جهالت جا ڪڪر ڇانئجي رهيا آهن، لادينيت ۽ بدمذهبيت جي ڇوليون هڻندڙ سيلاب ۾ مسلمان تيزي سان بد اخلاقي جي اونهي کڏ ۾ ڪرندا پيا وڃن. اهڙي طرح ان نازڪ حالتن ۾ عاشقان رسول جي ڪنن تائين ذڪرِ خدا ۽ مصطفيٰ جي سوز ڀريي آوازن کي پهچائڻ جي لاءِ ضروري آهي ته اڄ جي نياڻي ۽ سياڻي جي ماءُ جي اهڙي ڀرپور مدني تربيت ڪئي وڃي جو ايندڙ نسل عشق رسول جي رنگ ۾ رنگجي وڃي. ماءُ جي هنج جيئن ته ٻار جي پهرين درسگاهه هوندي آهي انهيءَ لاءِ هڪ نياڻي جي حقيقي طور تي مدني تربيت ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ماءُ پاڻ به ضروري ديني علم کان واقف هجي ته جيئن اها پنهنجي نياڻي کي ابتدائي عمر کان ئي توحيد ۽ رسالت جي عشق و مستي سان ڀريل جام پيئڻ جو اهڙو عادي بڻائي جو جنهن جي لذت ۾ گم ٿي انهيءَ کي سڄي زندگي ڪنهن ٻئي ڏانهن ڏسڻ جو هوش ئي نه رهي. ان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ، فرشتن، آسماني ڪتابن، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام خاص ڪري نبين جي سردار، حبيب پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت، جنت ۽ دوزخ جي باري ۾ ٿورا ٿورا بنيادي عقيدا سيکارجن. مثال طور:

## الله تعالىٰ جي توحيد جي باري ۾ بنيادي عقيدا

اسان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ پيدا ڪيو آهي، اهوئي اسان کي روزي

عطا فرمائي ٿو، ان حياتي ڏني آهي، اهوئي موت ڏيندو، اسان رڳو ان جي عبادت ڪيون ٿا، اهو جسم، جڳهہ ۽ مڪان ڪان پاڪ آهي (ڪي ماءُ پيءُ **الله** عَزَّوَجَلّ جو نالي ونڻ لاءِ پنهنجي ٻار ڪي آسمان ڏانهن آڱر ڪڻڻ سيکاريندا آهن، ائين نہ ڪيو وڃي) اهو ڪنهن جو محتاج ناهي سڀ ڪائنات ان جي محتاج آهي، اهو اولاد ڪان پاڪ آهي. اهو هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو. جيڪو ڪجهہ ٿي چڪو آهي، جيڪو ٿي رهيو آهي يا ٿيندو اهو سڀ ڄاڻي ٿو.

## ملائڪن جي باري ۾ بنيادي عقيدا

ملائڪ ان جي نوري مخلوق آهن جيڪي ان جي حڪم سان مختلف ڪم سرانجام ڏيندا آهن. مثال طور مينهن وسائڻ، هوا هلائڻ، ڪنهن جو روح ڪڍڻ وغيره.

## آسماني ڪتابن جي باري ۾ بنيادي عقيدا

**الله** عَزَّوَجَلّ پنهنجي ٻانهن جي هدايت جي لاءِ گهڻا صحيفا ۽ ڪتاب نازل فرمايا جن ۾ چار ڪتاب گهڻا مشهور آهن:

(1) تورات (هي حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيو)

(2) زبور (هي حضرت سيدنا داؤد عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيو)

(3) انجيل (هي حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيو)

(4) قرآن شريف (هي اسان جي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نازل ٿيو)

## نبين سڳورن جي باري ۾ بنيادي عقيدا

**الله** عَزَّوَجَلّ مخلوق جي رهنمائي جي لاءِ پنهنجي نبين ۽ رسولن سڳورن کي موڪليو جن جو مڪمل تعداد اهوئي ڄاڻي ٿو

۽ سڀ کان آخر ۾ اسان جي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي موڪليائين. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** عَزَّوَجَلَّ جا آخري نبي آهن، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ ڪو نبي نہ ايندو.

## قيامت، جنت ۽ دوزخ جي باري ۾ بنيادي عقيدا

قيامت مان مراد هي آهي تہ هڪ وقت ايندو جو هي آسمان ۽ زمين سڀ تباهہ ٿي ويندا، پوءِ مُردا پنهنجي قبرن مان اٿي محشر جي ميدان ۾ بارگاهِ خداوندي ۾ حاضر ٿيندا ۽ پنهنجي اعمال جو حساب ڏيندا، جنهن جا عمل سنا هوندا ان کي جنت ملندي ۽ جنهن جا عمل برا هوندا ان کي دوزخ ۾ وجهو پوندو. جنت جو شوق ۽ جهنم جو خوف پيدا ڪرڻ جي لاءِ نياڻي کي ان جي سوچ جي مطابق جنت جي انعامن ۽ جهنم جي عذابن جون روايتون ٻڌايو ۽ اهو بہ سمجهايو تہ جيڪڏهن اسان **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪنداسين تہ اسان کي جنت ملندي ۽ جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ حياتي گذاري تہ جهنم جو عذاب اسان جو منتظر هوندو. وَالعِيَاذُ بِاللهِ عَزَّوَجَلَّ [1]

ذڪرِ مصطفيٰ ايمان جو نور ۽ دل جو سُرور آهي. ان ڪري گهرجي تہ اهڙا سبب پيدا ڪجن جو اوهان جي نياڻي جي دل ۾ درود پاڪ ۽ نعت شريف پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو ذوق ۽ شوق پيدا ٿئي.

---

(1) هي عقيدا بهارِ شريعت جي پهرين حصي مان ورتل آهن. عقيدن جي وڌيڪ معلومات لاءِ صدرالافاضل جي آسان تصنيف "ڪتاب العقائد" ۽ صدر الشريعہ جي "بهارِ شريعت" پهرين حصي جو مطالعو ڪرڻ لاءِ مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪريو. پڻ امير اهلسنت جي ڪتاب ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب کان علاوه مدني نصاب براءِ قاعدو ۽ مدني نصاب ناظره براءِ ناظره جو بہ ضرور مطالعو ڪريو.

مثال طور ٻار کي سمهارڻ يا پرچائڻ لاءِ لولي ڏيڻ جو رواج عام آهي پر لولي ڏيڻ وقت هن ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته لولي بي معنيٰ لفظن تي مشتمل نه هجي ۽ نه ئي ان ۾ ڪو غير شرعي لفظ هجي بلڪ بهتر هي آهي ته حمد يا نعت يا اولياءِ ڪرام جي منقبت ٻار کي ٻڌائي وڃي ته ثواب به ملندو ۽ ٻار کي ننڊ به اچي ويندي، ان کان سواءِ **الله** جي نيڪ ٻانهن جا واقعا ڪهاڻي جي صورت ۾ ٻڌائڻ به فائديمند آهن. ڇو ته اسلاف سان عقيدت ۽ محبت جو تعلق ايمان جي مضبوطي جو ذريعو آهي ۽ ٻارن جي دل ۾ صحابه ڪرام ۽ اهل بيت اطهار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ ٻين اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي عقيدت پيدا ڪرڻ جو سولو ذريعو انهن پاڪ هستين جي سيرت جا نوراني واقعا به آهن ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ جيئن ته ان جو ايمان وڏي سرمايي جي حيثيت رکي ٿو، تنهن ڪري ايندڙ نسلن جي ايمان کي محفوظ رکڻ لاءِ پڻ کان وڌيڪ نياڻي جي ايمان جو فڪر ٻين سيني دنياوي شين کان گهڻو زياده هئڻ گهرجي ۽ ايمان جي حفاظت جو هڪ تمام وڏو ذريعو ڪنهن ڪامل پير جي بيعت ڪرڻ آهي. اڄڪلهه ڪنهن جامع شرائط، ڪامل پير جو ملڻ ناممڪن ناهي ته ڏکيو ضرور آهي، جيڪڏهن اوهان ڪنهن جا مريد ناهيو ته جلدي پنهنجي ٻارن ٻچن سميت سلسله قادريه رضويه عطاريه جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مريد ٿيجي وڃو. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قطبِ مدينه، ميزبانِ مهمانانِ مدينه، خليفهءِ اعليٰ حضرت، حضرت سيدنا ضياءُ الدين احمد مدني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی جا مريد ۽ خليفهءِ قطب مدينه حضرت مولانا عبدالسَّلام

قادري رضوي، شارحِ بخاري فقيہ اعظم هند حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي، جانشينِ قطبِ مدينہ حضرت علامہ فضل الرحمٰن قادري ۽ مفتي اعظم پاڪستان حضرت علامہ مفتي وقار الدين رضوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم جا خليفہ آهن. ان ڪان سواءِ ٻين بزرگن کان بہ خلافتون ۽ اسانيدِ حديث جي اجازت حاصل آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قادري سلسلي ۾ مريد ڪن ٿا. قادري سلسلي جي عظمت جي ڇا ڳالھہ ڪجي ان جا عظيم پيشوا حضور سيدنا غوث الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم خدا عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان قيامت تائين جي لاءِ پنهنجي مريدن جي توبہ تي مرڻ جا ضامن آهن. (بهجة الاسرار ص 191)

## (2) قرآن ۽ سنّت جي تعليم

اميرالمؤمنين حضرت سيدنا علي بن ابي طالب كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: پنهنجي اولاد کي ٽي ڳالھيون سيکاريو: (1) پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت (2) اهل بيت عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي محبت ۽ (3) تلاوت قرآن ڪريم، ڇو جو قرآن پڙهڻ وارا ماڻھو، انبيا ۽ اصفيا سان گڏ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي ڇانو ۾ هوندا جنهن ڏينهن ان ڪان سواءِ ڪا ڇانوَ نہ هوندي. (الجامع الصغير ص 25 حديث 311)

حضرت سيدنا شيخ ابومحمد سَهل تستري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: ايمان جي علامت الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت، الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت جي علامت الله جي ڪلام (قرآن ڪريم) سان محبت، الله جي ڪلام سان محبت جي علامت الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت جي علامت، الله

عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِتباع (پيروي) آهي.
(قوت القلوب ج 1 ص 104)

بنيادي ۽ ضروري عقيدن کان سواءِ نياڻي جي دل ۾ قرآن ۽ سنت جي محبت پيدا ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن ننڍپڻ کان ئي الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت ان جي دل ۾ پيدا ٿئي ۽ قرآن و سنت جي مطابق اها پنهنجي سڄي زندگي گذاري ڇڏي ڇو تہ قرآن و سنت تي عمل ئي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي جو ذريعو آهي، پر ياد رکو! قرآن ڪريم تي عمل ڪرڻ جي لاءِ ان جو صحيح پڙهڻ، سکڻ ۽ سمجهڻ ضروري آهي، پر افسوس صد افسوس! خدا جي مخلوق، رب عَزَّوَجَلَّ جي ڪلام کي پڙهڻ، سکڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان آهستي آهستي پري ٿيندي پئي وڃي ۽ دنيوي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ هر وقت نوان نوان علم ۽ فن سکڻ سيکارڻ ۾ مشغول آهي. حالانڪ هن يعني قرآن جي تعليم جي باري ۾ الله جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَ عَلَّمَهٗ يعني توهان مان بهترين شخص اهو آهي جنهن قرآن سکيو ۽ ٻين کي سيکاريو. (بخاري ج 3 ص 410 حديث 5027) اهڙي طرح والدين تي لازم آهي تہ نياڻي جي پرورش ۾ قرآن و سنت جي محبت سان ان جو سينو روشن ڪن.

## (3) فرض عُلوم ۽ ديني تعليم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فرض علوم ۽ ديني تعليم جي اهميت جي باري ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع

ٽيل 505 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”غيبت جون تباهه ڪاريون“ جي صفحي 6 تي فرمائن ٿا: سرڪار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظمت نشان آهي: طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ يعني علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. (ابن ماجہ ج 1 ص 146 حديث 224) هتي اسڪول ڪاليج جي دنياوي تعليم نہ، بلڪ ديني تعليم مراد آهي. انهي لاءِ سڀ کان پهريان بنيادي عقيدا سکڻ فرض آهن، ان کان پوءِ نماز جا فرض، شرط ۽ مُفسدَات، پوءِ رمضان المبارڪ جي تشريف آوري تي فرض هجڻ جي صورت ۾ روزن جا ضروري مسئلا، جنهن تي زڪوٰة فرض هجي ان لاءِ زڪوٰة جا ضروري مسئلا، اهڙي طرح حج فرض ٿيڻ جي صورت ۾ حج جا، نڪاح ڪرڻ گهري تہ ان جا، تاجر کي خريد و فروخت جا، نوڪري ڪرڻ واري کي نوڪري جا، نوڪر رکڻ واري کي اِجاري جا، وَعَلٰى هٰذا القِياس (يعني ان تي قياس ڪندي) هر مسلمان عاقل، بالغ، مرد ۽ عورت تي ان جي موجوده حالت جي مطابق مسئلا سکڻ فرضِ عين آهن. اهڙي طرح هر هڪ جي لاءِ حلال ۽ حرام جا مسئلا سکڻ فرضِ عين آهن. باطني مسئلا يعني فرائضِ قلبيہ (باطني فرض) مثال طور عاجزي، اِخلاص ۽ تَوَڪُّل وغيره ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو طريقو ۽ باطني گناهہ مثال طور تڪبُّر، رياڪاري، حسد وغيرها ۽ ان جو علاج سکڻ هر مسلمان تي اهم فرضن مان آهي. هلاڪت ۾ وجهڻ واريون شيون جيئن تہ ڪوڙ، غيبت، چُغلي، بهتان وغيره جي باري ۾ ضروري معلومات حاصل ڪرڻ بہ فرض آهي تہ جيئن انهن گناهن کان بچي سگهجي. (غيبت جون تباهہ ڪاريون ص 5)

تمام وڏا عالم حضرت سيدنا شيخ ابوطالب مڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی

فرمائن ٿا: عمل کان پهريان علم ضروري آهي ڇو تہ عمل جي فرض هئڻ جي ڪري ان جو علم حاصل ڪرڻ بہ فرض ٿي پوندو آهي. (قوت القلوب ج 1 ص 226)

# زندگي جا آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻار جي پرورش جي دوران قرآن و سنت ۽ بزرگن جي ڪتابن مان بيان ڪيل جن آداب جي ضرورت پيش اچي سگهي ٿي جيڪڏهن انهن جو مطالعو ڪيو وڃي تہ اسان انهن کي ٽن مختلف حصن ۾ هن طرح تقسيم ڪري سگهون ٿا:

- ذات بابت آداب
- خاندان بابت آداب
- معاشري بابت آداب

## ذات بابت آداب

پاڪائي ۽ طهارت کي هڪ مسلمان جي زندگي ۾ جيڪا اهميت حاصل آهي ان جو انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي، جيئن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي:

وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ﴿۱۰۸﴾ (پ 11 سورة التوبہ آيت 108)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ پاڪائي رکندڙ الله کي پيارا آهن.

پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ فرمان پڻ آهي: پاڪائي نصف ايمان آهي. (ترمذي ج 5 ص 308 حديث 3530) ۽ هي مروي آهي تہ بُنِيَ الدِّيْنُ عَلَى النَّظَافَة يعني دين جو بنياد پاڪائي تي آهي. (الشفاء ج 1 ص 61) هتي طهارت مان رڳو ڪپڙن کي صاف ڪرڻ ئي مراد نہ آهي بلڪ دل جي صفائي مراد آهي. ان ڪري جو پليدي رڳو بدن يا ڪپڙن

سان خاص نہ آھي بلڪ باطن جي صفائي بہ شريعت جي تقاضا آھي. ڇو تہ جيستائين باطن پاڪ نہ ٿيندو تيستائين مفيد علم حاصل نہ ٿيندو ۽ نہ ئي انسان علم جي نور سان روشني حاصل ڪري سگھندو آھي، تنهن ڪري نياڻي جي پرورش جي دوران والدين تي لازم آھي تہ اھي نياڻي جي ظاھري پاڪائي جي اهتمام ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي باطن جي پاڪائي تي بہ وڌ مان وڌ توجهہ ڏين تہ جيئن ان جي دل برين صفتن کان پاڪ رهي. مثال طور حسد، تڪبُّر، رياڪاري، عُجب ۽ خودپسندي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، گارگند، امانت ۾ خيانت، وعدي خلافي وغيره ۽ انهن جي دنيا ۽ آخرت جي نقصان کان خوب آگاھ ڪن تہ جيئن نياڻي انهن مُهلڪ ۽ جهنّم ۾ داخل ڪندڙ گناھن کان بچي سگھي. پر ياد رکو! تربيت ان وقت ئي فائدو ڏيندي جڏھن اوھان پاڻ بہ ان باطني گناھن کان بچڻ جي ڪوشش ڪندؤ. ڇوتہ جيڪڏھن والدين نيڪ ۽ گناھن کان بچندڙ ھوندا تہ ان جون برڪتون ان جي ٻارن ٻچن کي بہ نصيب ٿينديون.

## خاندان بابت آداب

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ھن مان مراد اھي آداب آھن جيڪي مضبوط ۽ خوشحال خاندان جي بقا لاءِ بيحد ضروري آھن. مثال طور والدين جو ادب و احترام ۽ ڀين ننڍن وڏن سان سھڻو سلوڪ، مائٽن سان سھڻي سلوڪ جي فضليت ۽ تعلقات ٽوڙڻ جي مذمت وغيره. انهن آداب جي ادا ڪرڻ جي ڪري ھڪ نياڻي سڄي خاندان جي اکين جو ٺار ٿي پوندي آھي. ان ڪري والدين تي لازم آھي تہ اھي پنھنجي نياڻي جي پرورش ۾ ٿوري بہ ڪوتاھي نہ ڪن ۽ ننڍپڻ کان ئي ان جي اسلامي تربيت جو اھڙو بندوبست ڪن جو ھر ڪو ان

جي نياڻي جي حُسنِ سلوڪ جي واکاڻ ڪري، ائين نہ ٿئي جو ان جي بدسلوڪي، بي ادبي ۽ بدڪلامي جو هر طرف چؤبول هجي.

ٻار خاص ڪري نياڻيون جڏهن تہ والدين کان ٻين رشتن جي معلومات سان گڏوگڏ هي بہ سکنديون آهن تہ ان جا والدين پنهنجي مائٽن سان ڪهڙي نمونې پيش ايندا آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن اوهان پنهنجي ڪن مائٽن سان مائٽي ڳنڍڻ جي بدران مائٽي ٽوڙيندؤ يا انهن سان سهڻو سلوڪ نہ ڪندؤ تہ اوهان جي اولاد خاص ڪري نياڻين جي ذهنن مان ان رشتن جي عظمت پلي هميشہ لاءِ ختم نہ ٿئي بلڪ گهٽجي ضرور ويندي. ان لاءِ پاڻ بہ ياد رکو ۽ پنهنجي نياڻي کي بہ هي ڳالهيون ذهن نشين ڪرايو:

* صلہ رحمي سان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ راضي ٿيندو آهي ڇو تہ صلہ رحمي خود ان جو حڪم آهي.
* صلہ رحمي سان ملائڪ خوش ٿيندا آهن.
* صلہ رحمي ڪرڻ واري جي ماڻهو ساراهہ ڪندا آهن.
* صلہ رحمي سان شيطان لعنتي غمگين ٿيندو آهي.
* صلہ رحمي سان عمر ۽ رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي.
* صلہ رحمي سان دلي اطمينان حاصل ٿيندو آهي ۽ حديث شريف ۾ آهي تہ (فرضن جي ادائگي کان پوءِ) افضل عملَ اهي آهن جيڪي مؤمن جي خوشي جو سبب بڻجن. (المعجم الكبير ج 11 ص 59 حديث 11079)
* صلہ رحمي سان محبت ۾ واڌارو ٿيندو آهي، ڇوتہ جن ماڻهن تي ان احسان ڪيا هوندا اهي سيئي ان جي خوشي ۽ غمي ۾ شريڪ ٿيندا ۽ ان جي مدد بہ ڪندا رهندا جنهن جي ڪري پاڻ ۾ محبت وڌندي.

✲ صلہ رحمي موت کان پوءِ بہ اجر ۽ ثواب جو سبب بڻجندي آهي، ڇوتہ ماڻهو ان جي موت کان پوءِ ان جي احسانن کي ياد ڪري ان لاءِ ايصالِ ثواب ۽ دعا جو اهتمام ڪندا. (تنبيہ الغافلين ص 73)

## معاشري بابت آداب

پاڻ ۾ گڏجي رهڻ وارن فردن جي مجموعي کي معاشرو چوندا آهن جنهن جي بنياد جا مختلف سبب آهن. مثال طور برادري، قوم، ٻولي، مذهب ۽ جُغرافيائي حدون وغيره. عام طور تي مختلف معاشرن جي جوڙجڪ ۾ گڏيل زندگي جي بقا جي لاءِ ٻن ڳالهين کي وڏي اهميت حاصل آهي: هڪ هي تہ ماڻهو اهڙي طرح زندگي گذارين جو ان جي ذات جي تڪميل ٿئي ۽ ٻي هي تہ اهڙا اصول ۽ ضابطا تيار ڪيا وڃن جن جي ذريعي پاڻ ۾ خوشگوار تعلقات قائم ٿين. اهي اصول ۽ ضابطا جيئن تہ انسان ناهين ٿا، ان لاءِ ان ۾ تبديلي جي گنجائش هميشہ رهندي آهي ۽ اهي تبديل ٿيندا بہ رهندا آهن پر اسلامي معاشرو اهڙو آهي جنهن جي بنيادي عقيدن ۽ شريعت جي اصولن ۾ وحي جي اختتام کان پوءِ ڪڏهن بہ تبديلي نہ آئي آهي نہ ايندي. ان ڪري هي هڪ اهڙي متوازن ۽ معتدل زندگي جو نالو آهي جنهن ۾ انساني عقل، رسم و رواج ۽ تمام معاشرتي آداب وحي الٰهي جي روشني ۾ طئي ٿيندا آهن ۽ جڏهن تہ وحي الٰهي جي نازل ٿيڻ جو دروازو هميشہ لاءِ بند ٿي چڪو آهي، ان لاءِ هاڻي اسلامي معاشري جو جيڪو بنيادي نقشو سروَرِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان حق ترجمان سان بيان ٿيل آهي، ان ۾ ڪنهن قسم جي تبديلي ممڪن نہ آهي، البت! هر دؤر جي ضرورتن جي

مطابق پيدا ٿيندڙ نون مسئلن جو حل بہ قرآن و سنت جي بيان ڪيل اصولن مان ئي ورتو ويندو آهي. جيڪڏهن هي حل قرآن و سنت جي مخالف نہ هجي بلڪ مسلمانن جي ڀلائي ۽ اصلاح سان تعلق رکندو هجي تہ ان کي قبول ڪيو ويندو نہ تہ رد ڪيو ويندو.

هڪ اسلامي ۽ فلاحي معاشري جي بقا لاءِ تمام ضروري آهي تہ ان جي فردن جي تربيت تي گهڻو توجهہ ڏنو وڃي، تنهن ڪري بهتر هي آهي تہ ان جي شروعات ماءُ جي هنج کان ٿئي تہ جيئن ان جي تربيت جي تاثير سڄي زندگي ٻار تي اثرانداز رهي. انهيءَ حوالي سان نياڻي جي بهترين پرورش جي اهميت وڌي ويندي آهي ڇوتہ جيڪڏهن اڄ ان جي تربيت ۾ ڪا گهٽتائي رهجي وئي تہ ان جو اِزالو ڪرڻ ناممڪن نہ تہ مشڪل ضرور ٿي پوندو.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمان آهيون ۽ هڪ اسلامي معاشري جو حصو آهيون، اسان کي گهرجي تہ ڪڏهن بہ نياڻي جي پرورش ۾ ان جي مدني تربيت ۾ ڪوتاهي نہ ڪيون، ان کي معاشرتي براين جي خرابي کان صحيح نموني آگاهہ ڪيون تہ جيئن اها ان کان بچي سگهي.

## ننڊپڻ جي عادت گهٽ ئي نڪرندي آهي

اڄ هڪ پيءُ پاڻ سان پنهنجي انن ڏهن سالن جي نياڻي کي بي پردگي سان گڏ هڪ اهڙي تقريب ۾ وٺي ويندو آهي جتي مرد ۽ عورتون هونديون آهن، موسيقي ۽ ميوزڪ جو اهتمام هوندو آهي. بي حيا ۽ مغربي تهذيب جون شوقين ڇوڪريون ڊُهل جي ٿاپ تي نهايت ئي بيهودگي وارو رقص ڪنديون آهن ۽ گلن جهڙي نياڻي هي سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي رهي هوندي آهي تہ هي وڏيون وڏيون

ڇوڪريون پنهنجي سؤٽن سان گڏ نچي رهيون آهن، ڳانا ڳائي رهيون آهن تہ ان جو ذهن بڻجي رهيو هوندو آهي تہ جڏهن منهنجو والد مون کي هتي وٺي آيو آهي، ان ڪري اهڙي جڳهہ تي وڃڻ، نچڻ، ڳائڻ درست آهي ۽ جيڪڏهن هي سڀ غلط هجي ها تہ مون کي منهنجو والد هرگز هتي وٺي نہ اچي ها.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ پنهنجي گهر وارن جي اصلاح تي بہ توجهہ ڏيون ۽ انهن کي اهڙين تقريبن ۽ محفلن کان پري رکون جيڪي شريعت جي خلاف هجن. ان ڪري جيڪي ماڻهو پنهنجي عورتن، ڀينرن، نياڻين کي قدرت هئڻ جي باوجود بي پردگي کان نہ ٿا روڪين اهي ”دَيُّوث“ آهن ۽ دَيّوث جي باري ۾ جنت کان محرومي جي وعيد بيان ٿي آهي. اهل و عيال کي شريعت جي خلاف محفلن ۾ وٺي وڃڻ وارن کي تنبيهہ لاءِ فتاويٰ رضويہ شريف ۾ لکيل هڪ فتوي مان ڪجهہ اقتباسن جو مفهوم پيش ڪجي ٿو:

## جنّت کان محرومي

رسول **الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (ارشاد) فرمائن ٿا: ثَلَاثَةٌ لَا يَدۡخُلُونَ الۡجَنَّةَ: اَلۡعَاقُّ بِوَالِدَيۡهِ وَالدَّيُّوثُ وَرَجُلَةُ النِّسَاءِ ٽي شخص جنّت ۾ نہ ويندا، ماءُ پيءُ کي تڪليف ڏيندڙ، دَيُّوث ۽ مرد بڻجڻ واري عورت.

(مستدرڪ ج 1 ص 252 حديث 252)

## محبوب سان گڏ حشر

رسول **الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: لَا يُحِبُّ رَجُلٌ قَوۡمًا اِلَّا جَعَلَهُ اللّٰهُ مَعَهُمۡ جيڪو جنهن قوم سان محبت رکندو **الله** تعاليٰ ان کي انهن سان گڏ ڪندو. (مسند احمد ج 9 ص 478 حديث 25175) ۽ ٻي حديث شريف ۾

آهي: مَنۡ اَحَبَّ قَوۡمًا حَشَرَهُ اللّٰهُ فِيۡ زُمۡرَتِهِمۡ جيڪو شخص جنهن قوم سان دوستي ڪندو الله تعاليٰ ان کي انهن جي ٽولي ۾ اٿاريندو. (المعجم الڪبير ج 3 ص 19 حديث 2519) ۽ مزيد فرمائن ٿا: اَلۡمَرۡءُ مَعَ مَنۡ اَحَبَّ ماڻهو پنهنجي دوست سان گڏ هوندو. (بخاري ج 4 ص 147 حديث 6168)

## بني اسرائيل جي تباهي جا سبب

بني اسرائيل ۾ جيڪا پهرين خرابي پيدا ٿي اها هي هئي جو انهن مان هڪ شخص ٻئي سان ملندو هو ته ان کي چوندو هو: يَا هٰذَا! اِتَّقِ اللّٰهَ وَدَعۡ مَا تَصۡنَعُ، فَاِنَّهُ لَا يَحِلُّ لَكَ يعني اي شخص! الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ ۽ پنهنجي ڪم کان رڪجي وڃ ڇوته اهو حلال نه آهي. پوءِ ٻئي ڏينهن ان سان ملندو هو ۽ اهو پنهنجي انهيءَ حال تي هوندو هو ته هي ان کي پاڻ سان گڏ کائڻ پيئڻ ۽ گڏ ويهڻ کان نه روڪيندو هو. پوءِ جڏهن اهو ساڳيو ڪم ڪرڻ لڳا ته الله تعاليٰ انهن جون دليون پاڻ ۾ هڪ جهڙيون ڪري ڇڏيون جو روڪڻ وارن جو حال به انهن خطاڪارن جهڙو ٿي ويو، پوءِ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

لُعِنَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡۢ بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيۡسَى ابۡنِ مَرۡيَمَ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوۡا وَّكَانُوۡا يَعۡتَدُوۡنَ ﴿۷۸﴾ كَانُوۡا لَا يَتَنَاهَوۡنَ عَنۡ مُّنۡكَرٍ فَعَلُوۡهُ ؕ لَبِئۡسَ مَا كَانُوۡا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۷۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** انهن تي لعنت ڪئي وئي جن ڪفر ڪيو بني اسرائيل مان داؤد ۽ عيسيٰ بن مريم جي زباني، هي بدلو آهي سندن نافرماني ۽ سرڪشي جو. جيڪي بد ڪم ڪن پيا تن کان هڪ ٻئي کي نه روڪيندا هئا ضرور نهايت ئي برا ڪم ڪندا هئا.

(پ 6 المائده 78، 79) (ابوداؤد ج 4 ص 162 حديث 4336)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَ اِمَّا یُنْسِیَنَّكَ الشَّیْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ۝۶۸

(پ 7 الانعام 68)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان وسارائي ته ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نه ويهه.

**تفسير احمدي ۾ آهي:** ظالم ماڻهن مان مراد بدمذهب، فاسق ۽ ڪافر آهن انهن سڀني سان گڏ ويهڻ منع آهي. (تفسيرات احمديه ص 388)

# نازڪ شيشيون

عورت نرم مزاج بلڪ ڪِگ (ٻهر جي ڪوئنر) جي پڙي بلڪ بارود جي دٻي آهي. باهه جي ٿوري به گرمائش سان جلد ۾ سڙي پوندي آهي. عقل به ناقص، دين به ناقص، بنياد ۾ تيزائي، شهوت ۾ مرد کان سؤ ڀيرا وڌيڪ ۽ بري صحبت جو مستقل اثر ته مردن کي به بگاڙي ڇڏي ٿو پوءِ انهن نازڪ شيشين جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي جيڪي معمولي ڌڪ سان ٽڪرا ٽڪرا ٿي پون ٿيون. هي سڀ بيان يعني انهن عورتن جو **نَاقِصَاتُ العَقلِ وَالدِّين**، تيزي طبيعت، شهوت ۾ زياده ۽ نازڪ شيشيون هجڻ صحيح حديثن مان ثابت آهي ۽ بري صحبت جي اثر بابت گهڻيون صحيح حديثون آهن. انهن کان علاوه هي مبارڪ حديث جيڪا حڪمتِ نبوت جي نوراني دليل آهي. حضور پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: سنو ساٿي ۽ بري همنشين جو مثال ائين آهي جيئن مشڪ وارو ۽ لوهار جي ڀٺي، جو مشڪ وارو تنهنجي لاءِ نفعي کان خالي نه آهي يا ته تون ان کان خريد ڪندين جو پاڻ به مشڪ وارو ٿي پوندين نه ته خوشبو ته ضرور محسوس ڪندين ۽ لوهار جي ڀٺي تنهنجو گهر

ساڙي ڇڏيندي يا ڪپڙا ساڙي ڇڏيندي يا ڪجهه نہ تہ ايترو ٿيندو جو توڪي بدبو ايندي. جيڪڏهن ان سان تنهنجا ڪپڙا ڪارا نہ ٿيا تہ دونهون تہ ضرور پهچندو. (بخاري ج 2 ص 20 حديث 2101)

واهيات گيت شيطاني رسم ۽ ڪافرن جو طريقو آهي، شيطان ملعون بي حيا آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪمال حيا وارو آهي، بي حيائي واري ڳالهہ کان حيا وارو ناراض ٿيندو آهي ۽ ان کي بي حيائن جو استاد شيطان پنهنجو مسخرو بڻائيندو. حديث ۾ آهي، رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن (ارشاد) فرمائن ٿا: اَلْجَنَّةُ حَرَامٌ عَلٰى كُلِّ فَاحِشٍ اَنْ يَّدْخُلَهَا هر بي حيائي جي ڳالهہ ڪندڙ تي جنّت حرام آهي.

(موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 7 ص 204 حديث 325)

ماڻهن سان بنا ضرورت و حاجت شرعيہ جي بدڪلامي ناجائز ۽ حيا جي خلاف آهي. رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن (ارشاد) فرمائن ٿا: اَلْحَيَاءُ مِنَ الْاِيْمَانِ وَالْاِيْمَانُ فِى الْجَنَّةِ، وَالْبَذَاءُ مِنَ الْجَفَاءِ وَالْجَفَاءُ فِى النَّار حيا ايمان مان آهي ۽ ايمان جنّت ۾ آهي ۽ واهيات گفتگو بي ادبي آهي ۽ بي ادبي دوزخ ۾ آهي. (ترمذي ج 3 ص 406 حديث 2016) مَا كَانَ الْفُحْشُ فِىْ شَىْءٍ قَطُّ اِلَّا شَانَهُ، وَلَا كَانَ الْحَيَاءُ فِىْ شَىْءٍ قَطُّ اِلَّا زَانَهُ جڏهن ڪنهن شيء ۾ بي حيائي هوندي آهي ان کي عيبدار ڪري ڇڏيندي آهي ۽ جڏهن ڪنهن شيء ۾ حياء هوندو آهي ان کي سينگاري ڇڏيندو آهي.

(ترمذي ج 3 ص 392 حديث 1981، فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 210 تا 215)

## گنهگار ڪير؟

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! نابالغ شرعي احڪام جو مُڪلّف (يعني پابند) نہ آهي ان ڪري ان جو گناهہ شمار نہ آهي ليڪن والدين يا سرپرست جيڪڏهن ٻارن کي اهڙي جڳهہ تي وٺي ويا جتي بي

پردگي، بي حيائي ۽ ڳائڻ وڄائڻ وغيره گناهن جو سلسلو آهي جيئن ته اڄ ڪلهه جي عام تقريبن جو حال آهي ته ونئي وڃڻ واري تي پنهنجي گناه سان گڏوگڏ ان نابالغ کي ونئي وڃڻ جو گناه به ٿيندو. اهو ڇوڪرو يا ڇوڪريءَ جنهن کي ننڍپڻ کان ئي اوهان اهڙو ماحول فراهم ڪري رهيا آهيو جڏهن اهي وڏا ٿيندا ۽ انهن عادتن کي اختيار ڪندا ته انهن جو سبب به اوهان ئي بڻيا آهيو. پوءِ جڏهن انهن کي سمجهائيندؤ ته اهي ڪم غلط ۽ شريعت جي خلاف آهن ته انهن جي ذهن ۾ هي سوال پيدا ٿيندو جو جيڪڏهن اهو غلط هو ته منهنجو والد مون کي ننڍپڻ ۾ اهڙين جڳهين تي ڇو ونئي ويندو هو. جهڙي طرح اعليٰ حضرت، امام اهلسنت عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ رَبِّ العِزّت لکن ٿا: ننڍپڻ ۾ جيڪا عادت پوندي آهي گهٽ نڪرندي آهي ته پنهنجي نابالغ ٻارن کي اهڙين ناپاڪائين کان نه روڪڻ انهن لاءِ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ جهنّم جو سامان تيار ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ سخت گناه ۾ گرفتار ٿيڻ آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَاَهۡلِيۡكُمۡ نَارًا وَّقُوۡدُهَا النَّاسُ وَالۡحِجَارَةُ عَلَيۡهَا مَلٰۤئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعۡصُوۡنَ اللّٰهَ مَاۤ اَمَرَهُمۡ وَيَفۡعَلُوۡنَ مَا يُؤۡمَرُوۡنَ ۝۶

(پ 28 التحريم 6)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن ان تي سخت طاقتور ملائڪ مقرر آهن جيڪي الله جي حڪم جي نافرماني نه ڪندا آهن ۽ جيڪي انهن کي حڪم هجي سوئي ڪندا آهن.

(فتاویٰ رضويه ج 22 ص 215)

## فيشن جون خرابيون

اڄ ڪلهه اسلامي پينرن جي لباس ۾ فيشن جي نالي سان

جيڪي خرابيون پيدا ٿي رهيون آهن اهي ڪنهن ڪان لڪل نہ آهن. ايتري تائين جو مذهبي ماحول سان وابستہ عورتون بہ شادي مرادي جي تقريبن ۽ محفلن ۾ اهڙو لباس پائينديون آهن جو اَلاَمَان وَالۡحَفِيظ افسوس! صد افسوس! پردو ڪرڻ تہ پري! جن عضون جو لڪائڻ واجب آهي فيشن جي نالي تي انهن کي بہ نہ ٿو ڍڪيو وڃي، حالانڪ عورت جي معنيٰ ئي لڪائڻ واري شيء آهي. ان جو سڀ کان وڏو سبب آهي تہ مسلمانن اسلامي تهذيب کان ناتو ٽوڙي مغربي تهذيب سان رشتو جوڙيو آهي. جڏهن تہ اسلامي تهذيب ۾ تہ دل ۽ نظر کي پاڪ رکڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي ۽ ڪڏهن بہ اهڙي طرح جي نام نهاد آزادي ناهي ڏني وئي. اهوئي سبب آهي تہ اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ارشاد فرمايو: جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غيوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ان هار سينگار کي) ڏسن ها جيڪي عورتن اڄ ايجاد ڪيو آهي تہ انهن کي (مسجد ۾ اچڻ کان) منع فرمائن ها. (بخاري ج 1 ص 300 حديث 869)

علامہ بدرالدين محمود بن احمد عيني حنفي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی (متوفيٰ 855ھ) انهي حديث پاڪ جي شرح ۾ تحرير فرمائن ٿا: جيڪڏهن اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا هن هار سينگار کي ڏسن ها جيڪو هن زماني جي خاص ڪري شهري عورتن ايجاد ڪيو آهي ۽ پنهنجي سونهن ۽ ظاهري ڏيکاءُ ۾ غير شرعي ۽ بريون بدعتون ڪديون آهن، تہ اهي عورتن جي تمام گهڻي مذمت ڪن ها. (عمدة القاري ج 4 ص 649 تحت الحديث 869)

معلوم ٿيو فيشن جي نالي تي هر دؤر ۾ عورتون ڪو نہ ڪو نئون ڪم ضرور ڪيو جنهن جي ان وقت جي نيڪ عورتن

پنهنجي ذميداري سمجهي ضرور مذمت ڪئي. تنهن ڪري اچو ته! اسلامي تاريخ جي ورقن ۾ جهاتي پائي پنهنجي بزرگ عورتن جي حيات طيبه مان ڪجھ مدني گل چونڊيون جن جي خوشبو سان اسان پنهنجي نياڻين جي پرورش جي دوران انهن جي زندگين کي مهڪائي سگهون.

## خاتونِ جنت جي پرورش

سڀ کان پهريان اسان کي هي ياد رکڻ گهرجي ته امام الانبياء محبوبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي شهزادي حضرت سيدتنا خاتونِ جنت، بيبي فاطمه زهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن جي جيڪا مدني تربيت فرمائي هر اسلامي ڀيڻ کي گهرجي ته ان کي پيشِ نظر رکي ڇوته حضرت سيدتنا خاتونِ جنّت، بيبي فاطمه زهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سروَرِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ اکين جو ٺار هيون. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن به سفر لاءِ روانا ٿيندا هئا ته سڀ کان آخر ۾ پنهنجي شهزادي سان ملي پوءِ روانا ٿيندا هئا ۽ واپسي تي سڀ کان پهريان بيبي فاطمه زهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ تشريف فرما ٿيندا هئا. اهڙي طرح خاتونِ جنت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هادي عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تربيت جو حق ادا ڪندي شادي ڪان پوءِ پنهنجي مڙس جي خدمت ۽ گهر جي ڪم ڪار سان گڏوگڏ پنهنجي شهزادن جي جيڪا مدني تربيت فرمائي اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دنيا اڄ به ان جي عظمت جي گواهه آهي ۽ اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ قيامت قائم ٿيڻ تائين رهندي. اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْعِزَّت پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي گهراڻي جي عظمت کي خراجِ عقيدت پيش ڪندي فرمائن ٿا:

کیا بات رضا اس چمنستانِ کرم کی
زَہرہ ہے کلی جس میں حسین اور حسن پھول

ڪونين جي شهزادي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي حيات طيبہ جي بيشمار مھڪندڙ مدني گلن مان اوهان جي حياتِ طيبہ جي آخري ڏينهن جو رڱو هي هڪ واقعو ڪافي آهي جنهن کي شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 397 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**پردي جي باري ۾ سوال جواب**" جي صفحي 200 تي ڪجھ هن طرح نقل فرمايو آهي: سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري وصال ڪان پوءِ ڪونين جي شهزادي، حضرت سيدتنا خاتونِ جنت، بيبي فاطمہ زهرا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا تي غم مصطفيٰ جو ايتري قدر غلبو ٿيو جو اوهان جي چپن تان مسڪراهٽ ئي ختم ٿي وئي! پنهنجي وصال ڪان پهريان رڳو هڪ ئي ڀيري مسڪرائيندي ڏٺيون ويون. ان جو واقعو ڪجھ هن طرح آهي: حضرت سيدتنا خاتونِ جنّت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کي هي فڪر هوندو هو تہ سڄي عمر تہ غير مردن (جي ڏسڻ) ڪان پاڻ کي بچايو آهي هاڻي متان وفات ڪان پوءِ منهنجي ڪفن ويڙهيل لاش تي ئي ماڻهن جي نظر نہ پئجي وڃي! هڪ موقعي تي حضرت سيدتنا اَسماء بنت عُمَيس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا چيو: مون حبشہ ۾ ڏٺو آهي تہ جنازي تي وڻ جون ٽاريون ٻڌي هڪ ڏولي وانگر ٺاهي ان تي پردو وجهندا آهن. پوءِ انهن ڪجور جون ٽاريون گهرائي انهن کي ٻڌي ان تي ڪپڙو وجهي ڪري سيده خاتون جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کي ڏيکاريائون. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا ڏاڍو خوش ٿيون ۽ چپن تي مسڪراهٽ اچي وئي. بس اها ئي هڪ مسڪراهٽ هئي جيڪا سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري

وصال ڪان پوءِ ڏني وئي.

(پردي جي باري ۾ سوال جواب ص 200 بحوالہ جذب القلوب مترجم ص 231)

# سعيد بن مُسيّب جي نياڻي جي پرورش

حضرت سيدنا سعيد بن مُسَيَّب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن جي صاحبزادي حسن و جمال واري هئي. اوهان پنهنجي نياڻي جي تربيت هن طرح ڪئي جو اها نہ رڳو قرآن پاڪ جي حافظ هئي بلڪ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سنتن بابت بہ گهڻي ڄاڻ رکندي هئي. جيڪڏهن چيو وڃي تہ اها صورت سان گڏوگڏ حسنِ سيرت جي دولت سان بہ مالا مال هئي تہ (ائين چوڻ) اجايو نہ ٿيندو. اهوئي سبب هو جو خليفي عبدالملڪ بن مروان سندن نياڻي جي لاءِ پنهنجي پٽ وليد جي شادي جو پيغام موڪليو پر پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ انڪار ڪيو، خليفي گهڻي ڪوشش ڪئي جو ڪهڙي بہ طرح راضي ٿي پون پر پاڻ مسلسل انڪار ڪندا رهيا پوءِ اهو ظلم ۽ سختي ڪرڻ لڳو، سياري جي هڪ ٿڌي رات ان ظالم پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي 100 ڪَوڙا هنيا ۽ اُن جو جُبو پارائي پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ تي ٿڌو پاڻي وجهرايو پر پوءِ بہ پنهنجي نياڻي جو رشتو نہ ڏنائون. پاڻ جن پنهنجي نياڻي کي ننڍپڻ ۾ جيڪو پاڪائي ۽ صفائي جو درس ڏنو هئائون، سو اوهان نہ پئي چاهيو تہ اها هن دنيا جي رنگينين ۾ وساري ڇڏي. اهو سبب هو جو اوهان پنهنجي نياڻي جو نڪاح پنهنجي هڪ شاگرد حضرت سيدنا ابو وَداعہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ سان ڪيو جيڪو تمام غريب هو.

حضرت سيدنا ابو وداعہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنهنجي شادي جو واقعو هن طرح سان بيان فرمائن ٿا تہ مان حضرت سيدنا سعيد بن مُسَيَّب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن جي درس ۾ باقاعدگي سان حاضر ٿيندو هئس، پوءِ

ڪجھ ڏينهن حاضر ٿي نہ سگھيس. جڏهن وري پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ وٽ حاضر ٿيس تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پڇيو: ايترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ مون عرض ڪيو: منهنجي گھرواريءَ جو انتقال ٿي ويو هو، انهيءَ پريشاني ۾ ڪجھ ڏينهن حاضري جي سعادت حاصل ٿي نہ سگھي. اهو ٻڌي پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن فرمايو: مون کي ڇو نہ اطلاع ڏنوَ جو مان جنازي ۾ شريڪ ٿيان ها؟ حضرت سيدنا ابو وداعہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: ان تي مان خاموش رهيس. جڏهن مون اجازت گھري تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايو: ڇا ٻي شادي ڪرڻ چاهين ٿو؟ مون عرض ڪيو: حضور! مان تمام غريب آهيان، مون وٽ مشڪل سان ڪجھ درهم هوندا، مون غريب جي شادي ڪير ڪرائيندو. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايو: مان تنهنجي شادي ڪرائيندس، مون حيران ٿيندي عرض ڪيو: ڇا اوهان منهنجي شادي ڪرائيندؤ تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائڻ لڳا: جي ها! مان تنهنجي شادي ڪرائيندس، پوءِ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ **اللہ** عَزَّوَجَلَّ جي حمد بيان ڪيائون ۽ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود و سلام پڙهيائون ۽ منهنجي شادي پنهنجي نياٽي سان ڪرايائون، مان اتان اٿي گھر ڏانهن روانو ٿيس. مان ايترو خوش هئس جو مون کي سمجھ ۾ نہ پيو اچي تہ مان ڇا ڪيان. پوءِ مان سوچڻ لڳس تہ مون کي ڪنهن ڪنهن کان پنهنجو قرض اوڳاڙڻو آهي، ان طرح مان ايندڙ وقت جي باري ۾ سوچڻ لڳس پوءِ مون مغرب جي نماز مسجد ۾ ادا ڪئي ۽ وري گھر هليو ويس، مان گھر ۾ اڪيلو ئي هئس. پوءِ مون دستر خوان تي زيتون جو تيل ۽ ماني رکي کائڻ شروع ئي ڪيو هو جو دروازو کڙڪيو. مون پڇيو: ڪير؟ آواز آيو: سعيد. مان سمجھي ويس تہ ضرور اهي حضرت سيدنا سعيد بن

مُسَيَّب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ئي هوندا، ايتري دير ۾ اهي اندر تشريف فرما ٿيا. مون عرض ڪيو: اوهان مون ڏي نياپو موڪليو ها مان پاڻ حاضر ٿيان ها. فرمائڻ لڳا نه! اوهان ان ڳالهه جا وڌيڪ حقدار آهيو جو توهان وٽ اچجي. مون عرض ڪيو: فرمايو! مون لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: هاڻي تون غير شادي شده نه آهين، تنهنجي شادي ٿي چڪي آهي، مان ان ڳالهه کي ناپسند ڪيان ٿو تون شادي ٿيڻ ڪان پوءِ به اڪيلوئي رهين. پوءِ پاڻ هڪ پاسي هٽيا ته مون ڏٺو سندن نياڻي پنيان بيٺي هئي، پاڻ ان جو هٿ وٺي ڪمري ۾ ڇڏي آيا ۽ مون کي فرمايائون: اها تنهنجي گهرواريءَ آهي، ايترو چئي واپس موٽي ويا. مان دروازي جي ويجهو ويس، جڏهن اطمينان ٿيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڃي چڪا آهن ته واپس ڪمري ۾ اچي ان شرم و حيا جي پيڪر کي زمين تي ويٺي ڏٺو.

مون جلدي ۾ زيتون جو تيل ۽ ماني وارا ٿانوَ ڪٽي هڪ پاسي ڪيا ته جيئن اها ان کي نه ڏسي سگهي. پوءِ مون پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهي پنهنجي پاڙيسرين کي سڏڻ لڳس. ٿوري دير ۾ سيئي گڏ ٿي ويا ۽ پڇڻ لڳا: توکي ڪهڙي پريشاني آهي؟ جڏهن مون ٻڌايو ته حضرت سيدنا سعيد بن مسيّب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي نياڻي جي شادي مون سان ڪرائي آهي ۽ اهي پنهنجي نياڻي کي منهنجي ڪمري ۾ ڇڏي ويا آهن ته ماڻهن بي يقيني مان پڇيو: ڇا واقعي حضرت سيدنا سعيد بن مُسَيَّب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تو سان پنهنجي نياڻي جي شادي ڪرائي آهي؟ مون چيو: جيڪڏهن يقين نه ٿو اچيوَ ته منهنجي گهر اچي ڏسو، اهو ٻڌي سيئي منهنجي گهر آيا. جڏهن منهنجي والده کي اها خبر پئي ته اهي به جلدي اچي مون کي فرمائڻ

لڳيون: جيڪڏهن ٿن ڏينهن کان پهريان تون ان وٽ وئين ته توتي منهنجو چهرو ڏسڻ حرام آهي. مان ٿي ڏينهن انتظار ڪندو رهيس، چوٿين ڏينهن جڏهن ويس ته بس حيران ٿي ويس. هوءَ حسن و جمال جو نمونو هئي، قرآن پاڪ جي حافظ، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن کي گهڻو ڄاڻندڙ ۽ مڙس جي حقن کي گهڻو سمجهندڙ هئي. اهڙي طرح هڪ مهينو گذري ويو، نه حضرت سيدنا سعيد بن مسيب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون وٽ آيا ۽ نه وري مان حاضر ٿي سگهيس، پوءِ مان انهن وٽ ويس، اهي گهڻن ماڻهن جي هجوم ۾ جلوه فرما هئا، سلام جو جواب ڏيڻ کان پوءِ مجلس جي ختم ٿيڻ تائين انهن مون سان ڪا ڳالهه نه ڪئي، جڏهن سيئي ماڻهو هليا ويا، مون کان علاوه ٻيو ڪو نه رهيو ته انهن مون کي فرمايو: ان انسان کي ڪيئن سمجهيوَ؟ مون عرض ڪيو: حضور! (اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نياڻي اهڙين صفتن واري آهي جو) شايد ڪو دشمن ئي ان کي ناپسند ڪري نه ته دوست ته اهڙين شين کي پسند ڪندا آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: جيڪڏهن اها توهان کي تنگ ڪري ته لٺ سان اصلاح ڪجو. جڏهن مان گهر روانو ٿيس ته انهن مون کي ويهه هزار درهم ڏنا جيڪي وٺي مان گهر هليو آيس. (عيون الحڪايات ج 1 ص 80) **اللهعَزَّوَجَلَّجي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عورت لاءِ هار سينگار ڪرڻ ته جائز آهي پر ان تي لازم آهي ته پنهنجي مڙس جي لاءِ چارديواري ۾ رهندي هار سينگار ڪري، غير مردن کي ڏيکارڻ لاءِ نه ڪري. پر افسوس! اڄ ڪلهه گهر ۾ ته سادا ۽ ميرا سيرا ڪپڙا پاتا ويندا آهن پر ٻاهر وڃڻو آهي ته سٺي مان سٺا ڪپڙا پائڻ جي ڪوشش ڪئي

ويندي آهي. تنهن ڪري نيت ڪريو تہ جيئن شريعت تربيت ۽ پرورش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اسان پنهنجي نياڻي جي اهڙي طرح پرورش ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ ان کي اهڙي پرديدار مبلغہ بڻائينداسين جيڪا اسلامي ڀينرن ۾ مدني انقلاب برپا ڪندي.

## رخصت ڪرڻ وقت نصيحت

حضرت سيدتنا اَسماء بنت خارجہ فزاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا پنهنجي نياڻي کي شادي کان پوءِ گهر مان رخصت ڪرڻ وقت نصيحت ڀريو مدني گلن جو جيڪو گلدستو عطا فرمايو. اي ڪاش! هر ماءُ اهي مدني گل پنهنجي نياڻي کي رخصتي وقت ياد ڪرائي. اهي مدني گل هيٺ ڏجن ٿا: نياڻي جنهن گهر ۾ پيدا ٿي هاڻي اتان رخصت ٿي هڪ اهڙي جڳهہ (يعني مڙس جي گهر) وڃي رهي آهي جنهن کان واقف نہ آهي ۽ هڪ اهڙي ساٿي (يعني مڙس) وٽ وڃي رهي آهي جنهن سان مانوس نہ آهي.

- ان لاءِ زمين بڻجي وڃجان اهو تو لاءِ آسمان ٿي پوندو.
- ان لاءِ وڇاڻو بڻجي وڃجان اهو تو لاءِ ٿنڀ ٿي پوندو.
- ان لاءِ ٻانهي بڻجي وڃجان اهو تنهنجو غلام ٿي پوندو.
- ان کي ڪمبل وانگر چنبڙي نہ پئجان اهو توکي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيندو.
- ان کان ايتري قدر پري بہ نہ ٿجان جو اهو توکي وساري ڇڏي.
- جيڪڏهن اهو ويجهو هجي تہ ويجهي ٿجان ۽ جيڪڏهن پري هٽي تہ پري ٿجان.
- ان جي نڪ، ڪن ۽ اک (يعني سموري رازن) جي حفاظت

ڪجان جو اهو توڪان رڳو تنهنجي خوشبو سُونگهي. (يعني راز جي حفاظت ۽ وفاداري لهي)

❀ اهو تو ڪان رڳو سني ڳالهہ ئي ٻڌي ۽ رڳو سنو ڪم ئي ڏسي. (احياءُ العلوم ج 2 ص 75)

انهن مدني گلن مان اهي مائرون نصيحت حاصل ڪن جيڪي نياڻين جي گهرن کي جنت بڻائڻ جا سنا مشورا ڏيڻ بدران مڙس، نڻانن ۽ سسُ تي حڪومت ڪرڻ جا گُر سيکاريندي‌ون آهن. جڏهن نياڻي انهن مشورن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي تہ پوءِ فتني ۽ فساد جي اهڙي باهہ ڀڙڪي پوندي آهي جو ٻئي گهر ان باهہ جي گهيري ۾ اچي ويندا آهن. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي اولاد جي مدني تربيت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ هن (لکيل) بيان کي اسان لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻائي.

پنهنجي اولاد جي اسلامي اصولن جي مطابق تربيت ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪنهن نعمت کان گهٽ نہ آهي، تنهنڪري پاڻ بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ پنهنجي اهل و عيال کي بہ ان مهڪندڙ مدني ماحول سان وابستہ رکو. ڇوتہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي بيشمار ماڻهن جون زندگيون بدلجي چڪيون آهن. اوهان بہ پنهنجي ۽ پنهنجي اهل و عيال جي زندگين ۾ خوشگوار مدني تبديلي پيدا ڪرڻ لاءِ فيضانِ اولياء سان مالا مال دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو ۽ پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪيو پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ٿو مدني رنگ چڙهي! دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن

پريي اجتماع جي هڪ مدني بهار خدمت ۾ پيش آهي.

## سنتن ڀريي اجتماع جي مدني بهار

پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته مان گانا باجا ٻڌڻ جي ڏاڍي شوقين هئس. مون وٽ گانن جون گهٽيون ڪيسٽون ۽ ڪتاب جمع هئا بلڪ مان پاڻ به گانا لکندي هئس. ڊرامن ۽ فلمن جي ايڏي ته ديواني هوندي هيس جو ائين محسوس ٿيندو هو شايد انهن جي بغير (مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ) مان زنده نه رهي سگهنديس. افسوس! نگاهن جي حفاظت جو بالڪل خيال نه هوندو هو. الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان آخرڪار گناهن ڀري زندگي کان ڇوٽڪارو هن طرح حاصل ٿيو جو مون کي دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿي. ان سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ واري بيان، دعا ۽ اسلامي ڀينرن جي انفرادي ڪوشش جي مدني گلن منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون پنهنجي گناهن کان توبهه ڪئي ۽ سنتن ڀري زندگي گذارڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس. هي سٽون لکڻ تائين حلقه ذميدار جي حيثيت سان سنتن جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان.

ڪرم جو آپ ڪا اے سيّدِ اَبرار هوجائے
تو ہر بدکار بنده دم ميں نيکوکار ہوجائے

پنهنجي نياڻين کي بالڪل اهڙي قسم جي ڪنهن تقريب ۾ دعوت ۾ نه وڃڻ ڏيو جتي خلافِ شرع ڪم ٿيندا هجن ۽ ان جا اخلاق برباد ٿين، جتي ان جي آخرت برباد ٿئي، اسان سيني کي

ڪوشش ڪرڻي آهي، ۽ ان بي حيائي جو مقابلو ڪرڻو آهي ۽ اسان نيت ڪريون تہ منهنجي گهر جي ڪا اسلامي ڀيڻ، ڏيءَ اٿندي ۽ اها اسلامي ڀينرن ۾ مدني انقلاب آڻيندي. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ترجمو پيشڪش

**مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ مجلس تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.**

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
**فون نمبر: 021-34921389-90-91**
*E-mail: translation@dawateislami.net*

## ماخذ و مراجع



| نام | مطبوعہ | نام | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مكتبة المدينہ باب المدينہ كراچى | شرح السنہ | دار الكتب العلمية بيروت |
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينہ باب المدينہ كراچى | مجمع الزوائد | دارالفكر بيروت |
| تفسيرات احمديہ | پشاور | الجامع الصغير | دار الكتب العلمية بيروت |
| روح المعاني | داراحياء التراث العربى بيروت | شرح صحيح مسلم | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح بخارى | دار الكتب العلمية بيروت | عمدة القاري | دارالفكر بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | اشعة اللمعات | كوئٹہ |
| سنن ترمذى | دارالفكر بيروت | نزهة القاري | فريد بک اسٹال لاهور |
| سنن ابي داود | داراحياء التراث العربى بيروت | احياء علوم الدين | دارالصادر بيروت |
| سنن ابن ماجہ | دار المعرفة بيروت | الشفاء | مركز اهلسنت بركات رضا هند |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | فتاوىٰ رضويہ | رضا فائونڈيشن لاهور |
| المعجم الكبير | داراحياء التراث العربى بيروت | ملفوظات اعليحضرت | مكتبة المدينہ باب المدينہ كراچى |
| المعجم الاوسط | دار الكتب العلمية بيروت | بهار شريعت | مكتبة المدينہ باب المدينہ كراچى |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | قوت القلوب | دار الكتب العلمية بيروت |
| موسوعہ ابن ابي الدنيا | مكتبة العصريہ بيروت | عيون الحكايات | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسند ابي يعلي | دار الكتب العلمية بيروت | بهجة الاسرار | دار الكتب العلمية بيروت |
| مستدرک | دار المعرفة بيروت | روض الرياحين | دار الكتب العلمية بيروت |

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | (۱) بنيادي ۽ ضروري عقيدن جي تعليم | 23 |
| انوکي شهزادي | 1 | الله تعالٰي جي توحيد جي باري ۾ عقيدا | 24 |
| ڪامل يقين جو بهارون | 3 | ملائڪن جي باري ۾ بنيادي عقيدا | 25 |
| شيخ شاهه ڪِرماني جو تعارف | 3 | آسماني ڪتابن جي باري ۾ بنيادي عقيدا | 25 |
| عظيم والد جي عظيم ڌيءَ | 4 | نبين سڳورن جي باري ۾ بنيادي عقيدا | 25 |
| اسلام کان پهريان عورت جي حيثيت | 5 | قيامت، جنت ۽ دوزخ جي باري ۾ عقيدا | 26 |
| زنده دفن ڪرڻ جي رسم جي شروعات | 6 | (۲) قرآن ۽ سنّت جي تعليم | 28 |
| نياڻين جي دفن ڪرڻ جا ڪجهه سبب | 7 | (۳) فرض عُلوم ۽ ديني تعليم | 29 |
| نياڻين تي اسلام جا احسان | 9 | زندگي جا آداب | 31 |
| نياڻين جي فضيلتن تي مشتمل فرمانِ مصطفٰي | 10 | ذات بابت آداب | 31 |
| هڪ نياڻي جي پرورش تي انعام | 10 | خاندان بابت آداب | 32 |
| ٽن نياڻين جي پرورش تي انعام | 11 | معاشري بابت آداب | 34 |
| الله عَزَّوَجَلَّ جنت واجب ڪري ڇڏي | 11 | ننڍپڻ جي عادت گهٽ ئي نڪرندي آهي | 35 |
| نياڻين يا ڀينرن جي پرورش تي انعام | 11 | جنّت کان محرومي | 36 |
| شڪر جو مقام | 12 | محبوب سان گڏ حشر | 36 |
| نياڻي جي پرورش لاءِ مدني گل | 13 | بني اسرائيل جي تباهي جا سبب | 37 |
| ﴿۱﴾ نياڻي جي پيدائش تي ردّعمل | 13 | نازڪ شيشيون | 38 |
| ﴿۲﴾ ڪن ۾ اذان | 14 | گنهگار ڪير؟ | 39 |
| ﴿۳﴾ تحنيڪ | 16 | فيشن جون خرابيون | 40 |
| ﴿۴﴾ سٺو نالو رکڻ | 17 | خاتونِ جنت جي پرورش | 42 |
| ﴿۵﴾ وار ڪوڙائڻ ۽ عقيقو ڪرڻ | 19 | سعيد بن مُسَيِّب جي نياڻي جي پرورش | 44 |
| ﴿۶﴾ حلال رزق کارائڻ | 20 | رخصت ڪرڻ وقت نصيحت | 48 |
| ﴿۷﴾ سنئون ڳالهيون سيکارڻ | 20 | سنتن ڀري اجتماع جي مدني بهار | 50 |
| ﴿۸﴾ تعليم ۽ اسلامي تربيت | 21 | | |


صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد